تحريڪ
پبليڪيشن
حيدرآباد سنڌ

موٽڙ جنين ميهڙو

(کهاڻي اندر پڙهندا)

سنڌي عوامي انقلابي سلسلو
تحريڪ پبليڪيشن
سال پهريون
ڪتاب اٺون

موٽڻ جنين ميهڻو

مرتب:
پـتـر،
پناهه جگر سنڌي

جون- جولاءِ ١٩٧٣ع

قيمت هڪ رپيو

ائڊريس:
تحريڪ پبليڪيشن
80-B لطيف آباد يونٽ 4
حـيـدرآبـاد

ڪتاب جي خريداريءَ جي سلسلي ۾ لکپڙهه ڪندا:
سول ايجنٽس: محمد شفيع
پرنس بڪ اسٽال
گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ

صفحو	ليکڪ	ڪهاڻيون
٩	ويٽنامي ڪهاڻيڪار: نگوين ترونگ ٿان سنڌيڪار: رسول بخش پليجو	موٽڻ جنين ميهڻو
٢٩	رشيد ڀٽي	واٽيا ڙي واٽيا
٣٣	ممتاز عباسي	چارننڍڙيون ڪهاڻيون
		مضمون
٧		شهيد ڪئبرال کي سلام
٣٥	مس ايس مخدوم	ڊائري جو پنو
		شعر
		ويٽنامي شعر:
		رات آئون سرحد
٢٧	ويٽنامي شاعر: ٿان هائي	ٽپي آيس!
		سنڌي شعر:
٢٨	فتاح ملڪ	پٽر چوندي ڪائي ويٺو!
٣٨	وينجهار	خبردار! خبردار! خبردار!
٣٦		ان کان سواءِ خط، تنقيد ۽ رايا

ڇپائيندڙ: سيد عالم شاهه
80-B لطيف آباد يونٽ نمبر 4 حيدرآباد.
ڇپيندڙ: ١ صفحي کان ٨ صفحي تائين،
عارف برقي پريس، ڪوڪر محلو حيدرآباد.
٩ صفحي کان ٣٦ صفحي تائين ۽ ٽائيٽل،
مرتضيٰ پرنٽنگ پريس، ڪوڪر محلو حيدرآباد.

سڀ روئـــن پيـــا!

سڀ روئن پيا. پاڪستان جي سياسي جهنگ جا سڀ خونخوار آدمخور روئن پيا! واڳون روئن پيا. بگهڙ اوچنگارون پيا ڏين. مرون هاءِ هاءِ پيا ڪن. ڪپر ۽ لنڊيون؛ هٿ ڪٽيون ۽ ڪوراڙيون ٽڏا ساهه پيون پرين. هنن کي بلوچستان جو ڏک آهي!

بنگال جي قصائي مودوديءَ کي اک ۾ ڳوڙها آهن. مظلوم قومن کي سنگسار ڪرائڻ جون مٿون سٽيندڙ جماعت سڳوريءَ جي ريش مبارڪ تان لڙڪ لارون ڪري پيا وهن! سنڌين جي پير ۽ سنڌ دشمن جي مريد، حضرت پير سائين پاڳاري جون نوراني اکيون آليون **آهن!** سنڌ دشمن فسادن جو روحاني پيشوا رئيس امروهوي عرف ڪڳو ڏک ۾ بيحال آهي. ڪپو ماتم ۾ آهي. قوم دشمن چغلخون جو پيش امام سردار علي شاهه سينو پيو ڪٽي، انهن کي به بلوچستان جو ڏک آهي.

مودوديءَ جو مريد ولي خان، بزنجو ٽولو پار پيو ڪڍي. هي اهو عوام دشمن ٽولو آهي، جنهن ننڍين قومن جي جدوجهد کي پٺ ۾ خنجر هنيو؛ پاڪستان جي قومي ٻولين، بلوچي، سنڌي، پشتو ۽ پنجابي سان غداري ڪئي، صوبائي خود مختياريءَ جو مذاق اڏائيندڙ دستور صحيح ڪيو. پاڪستان ۾ مظلوم قومن جي ازلي ويرين طرفان سنڌ ۾ ڪيل فسادن جي پٺڀرائي ڪئي، مظلوم سنڌين خلاف اٿلو ڪوڙيون انڪوائريون هلائي سنڌن خلاف پروپيگنڊا ڪئي، جيئي سنڌ جي جدوجهد خلاف زهر اوڳاريو، مظلوم قومن جي دشمن جي چمچاگيري ۽ دلالي ڪئي، پاڪستان جي مظلوم قومن جي گڏيل جمهوري مورچي کي ٽوڙي دشمن کي راضي ڪيو، بلوچ عوام جي جدوجهد کي ٻين مظلوم پاڪستاني قومن جي جدوجهد کان ڪاٽي الڳ ڪري انکي اڪيلو ڪرايو. اهو بلوچستان ۽ ٻين سڀني مظلوم پاڪستاني صوبن جو غدار ٽولو به هاءِ هاءِ پيو ڪري. انهن کي به بلوچستان جو ڏک آهي، سڄي ملڪ جي قومي قاتلن کي بلوچستان جو ڏک آهي. هو چوطرف ڪانئرون ڪيو بلوچستان جي پڙ تي قبضو ڪريو بلوچستان جي ڏکويل عوام کي وڪوڙيو ويٺا آهن:

بحر بلائون ٻچڙيون ٻيون آفتون اجگر،
ڪميون، ڪچون، لڏڙا، ڏاڪ ڏين ڏيڏر،
واڳن وات وڏا پٽيا، ڪيڏيا واسينگن ور،
وات وجهڻ جي نه لهي، پيا پڪڙي ڪوڙ ڪپر!

هنن مدارين جي سانگ، ڪي ڏسي ماڻهو پائيندو ته بلوچستان کي خدا رکي، اتي سڀ خير هوندو. هيءُ سڀ ٺڳيءَ جو ناٽڪ هنن دليءَ جي ٺڳن جو ناٽڪ هوندو. پر بدقسمتيءَ سان ائين ناهي، بلوچستان ۾ سڀ خير ڪونهي. اسان کي خبر آهي ته حڪومت جي بلوچستان واري پاليسيءَ جي پٺڀرائي ڪرڻ وارن جي ڪوت ڪانهي پر خدا نه ڪري،

جي سياڻي پيٽي بدران مودودي ٽو صدر ٿئي ته هي سڀ ڪان پهرين راڻياڙ ڪري چوندا:
"پيٽي پر مقدمه چلائو!"

اسان کي خبر آهي ته جيڪي منافق بلوچستان لاءِ اوچنگارون پيا ڏين سي به دل ئي دل ۾ خوشيءَ جون ڪڇيون پيا هڻن. سندن اصول آهي ته بچڙو ڪم ڏيڊ ڪان ڪرائجي. جي ڪو پاڻيهي وچي اهڙو ڪم ڪري ته پوءِ اهڙو مزو ڪو ٻيو! هنن لاءِ پيٽو سرڪار ۽ بلوچستان جا عوام ٻئي هڪجهڙا دشمن آهن. ٻنهي مان جيڪو چٽ ٿئي سو چڱو. جي ٻئي ختم ٿين ته اهڙو ڪو ٻيو مزو!

پر سنڌ جا عوام هزارين مصيبتن، بي واجبين، ناحقن ۽ ظلمن جي باوجود اهو هرگز هرگز نٿا چاهين ته مودوديءَ ۽ سنڌس غدار ڇاڙتن جو عوام دشمن ٽولو هن ملڪ تي قبضو ڪري. سنڌ جا ماڻهو هن حڪومت سان ڪيترا بنيادي اختلاف رکندي به سنڌ جي ازلي دشمن مودودي ٽولي جي مقابلي ۾ هن حڪومت جا خير خواهه آهن. هو چاهين ٿا ته حڪومت پنهنجون پاليسيون درست ڪري. دشمن کي وجهه نه ڏئي. پنهنجي پير تي ڪهاڙا نه هڻي.

صدر پيٽي اڳ پاڻ ننڊو ٿي ولي خان ۽ بزنجي ٽولي جا سڀ آر سنا. اها صحيح ڏاهپ واري پاليسي هئي. جن ماڻهن کيس اها پاليسي الٽي ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي سي سنڌس سچ نه پر دشمن آهن.

بنيادي سوال اهو ناهي ته بلوچستان جي ڪوڙن قوم پرست سردارن جي هلت ڪهڙي آهي. بنيادي سوال اهو آهي ته بلوچستان جي عوام سان ڪهڙي هلت جائز آهي.

بلوچستان جا عوام هڪ پاڪستاني قوم آهن. پنهنجي ڌرتيءَ جا ڌڻي آهن. هو پنهنجي رضا خوشيءَ سان پاڪستان ۾ شامل ٿيا هئا. هنن کي ڪنهن فتح ڪونه ڪيو هو. قومي برابري سندن پيدائشي قومي حق آهي. هنن کي حق آهي ته هو پنهنجي واڳ جنهن کي وڻين تنهنجي حوالي ڪن. هو ڪٺي ڪاري چور کي پنهنجو اڳواڻ چونڊين، ته به وس وارا آهن. ٻئي ڪنهن کي به اهو حق ناهي ته هو مٿن سندن مرضيءَ جي خلاف زوري پيا اڳواڻ مڙهين. هو پنهنجي تجربي مان پاڻيهي سکندا، پنهنجو چڱو مٺو پاڻ سوچيندا. بهر حال ڏنڊي سان ٻارن کي پڙهائڻ جي به منع آهي. هيءَ ته هڪڙي خود دار، دلير ۽ بهادر پاڪستاني قوم آهي.

چوندا آهن ته "لت ڪٽجي پاءُ بدران، جواب ڏجي خدا ڪارڻ" خدا ڪارڻ جواب اهو آهي ته بلوچستان جي عوام جي قومي حقن سان هٺ ڇراند ناجائز آهي.

پر هيءَ رڳو خدا ڪارڻ واري ڳالهه ڪونهي. بلوچستان جا عوام ته اسان جا پاڙير به آهن، اسان جا هڏ ۽ چم آهن. اسان جا ساٿي سٿوسنگ آهن، اسين هڪ ٻئي جي مٽي جيجري جا وارث آهيون، اسان جو مرڻ جيئڻ گڏ آهي، اسان سنڌين کي پنهنجي پاڙين پاران لت ڪٽڻ واجب آهي.

اسين ولي خان، بزنجا ۽ مينگل ناهيون جن پيٽي جي ٻاهه ۾ سنڌي عوام سان دغا

ڪئي. اسين سنڌي وطن دوست، ولي خان، بزنجي ۽ مينگل جي پناهگير پرست ٽولي جي سنڌ دشمن بدمعاشين جي ڪري بلوچستان جي عوام جي مسئلي تي اکيون ٻڪي، منافقي ۽ بي حيائي نٿا ڪري سگهون. اگر مگر ڪري ترڪتال واريون ڳالهيون به نٿا ڪري سگهون. اسان جي قوم جو اهو وڙ ئي ناهي.

اسين سنڌي عوام صاف صاف ۽ پرزور مطالبو ٿا ڪريون ته بلوچستان جي قومي جمهوري حقن سان دست اندازي بند ڪئي وڃي.

اسين صدر ڀٽي کي خلوص سان اپيل ٿا ڪريون ته برد باريءَ، دانائي ۽ تحمل کان ڪم وٺي بلوچستان کي پنهنجا جمهوري حق موٽائي ڏئي، بلوچستان جي چونڊيل سرڪار کي بحال ڪيو وڃي. ڀوءِ ڀلي اها پناهگير نعپ جي هجي يا جماعت اسلامي جي. پس پيش اهائي صحيح ڳالهه ٿيندي. موجوده پاليسي غلط آهي اها فوري ترڪ ڪرڻ گهرجي.

خوني ڪکيءَ لاءِ به ڪو قانون آهي يا نه؟

اڄڪلهه سنڌ ۾ وڏيرن جي بيگهي متل آهي. وڻ گهوڙو ٻڌڻ نٿا ڏين. ڪڪڙڪاڻ وجهائي ڇڏيا اٿن. چوطرف نفسي، نفسي جي پڪار آهي شل نه ڪو ننڍڪو وڏيرو ڪنهن ڳالهه تان ناراض ٿئي. هڻ ڪڻ وارو حساب ٿي ويندو! رات وچ ۾ راڄ پورجي ويندا. ڇو: "سنڌو ديش جا حامي ٻڌا اٿئون."

پر سنڌ جو وڏي ۾ وڏو مجرم اڃا ڪونه پڪڙيو آهي. خوني ڪکو اڃا آزاد آهي خوني ڪکي "اردو کا جنازه هے ذرا دهوم سے نکلے" وارو قاتل سگنل ڏيئي غنڊن کي سنڌ دشمن فسادن شروع ڪرڻ جي ٻيج ڪئي. گهر ۽ دڪان ساڙايا، ڦريون ۽ ڌاڙا هڻايا، ٻچا ڪهايا، ماڻهو مارايا، ڪربلائون ڪرايون.

پاڪستان پينل ڪوڊ موجب ڏوهه جي ٻيج ڪندڙ مجرم ڏوهه ڪندڙ مجرم جهڙو مجرم ليکجي ٿو. چاهي اها ٻيج سڌي هجي يا اڻ سڌي. حقيقت ۾ ۽ پاڪستاني قانون موجب خوني ڪکي، انهن مان هر هڪ ڏوهه جي ٻيج ڪئي، سڌي توڙي اڻ سڌي.

انهن هزارين ڦرين، ڌاڙن، باهين ۽ قتلن ۾ هو ٻين ڏوهارين جهڙو بلڪ انهن کان به وڌيڪ ڏوهاري هو. خوني ڪکي جو نالو انهن هزارن سنگين ڏوهن مان هر هڪ ڏوهه جي فرسٽ رپورٽ ۾ شامل ڪرڻ کپندو هو. هن وقت ڪيس هزارين سنگين ڪيسن ۾ جوابدار هئڻ کپندو هو، هيستائين ڪيترا ڪيس فيصلو ٿيڻ کپندا هئا. سون ڪيسن ۾ ڪيس پڪو ثبوت ملڻ جي حالت ۾ ڳرين ڳرين سزائن سان سزاياب ٿي وڃڻ کپندو هو. هن وقت هو ڏوهه ثابت ٿيڻ جي حالت ۾ ڦاسي گهاٽ ۾ هئڻ کپندو هو. هن وقت ڪيس ڏوهن ثابت ٿيڻ جي حالت ۾ ڦاسي گهاٽ اندر ٻين سنگين سزائن ملڻ جو منتظر رهڻ کپندو هو.

پر خوني ڪکي جو نالو ڪنهن به فرسٽ رپورٽ ۾ نه لکيو ويو. هن قاتل اعظم

کي رڳو نالي ماتر ڊي. پي. آر ۾ به نه رکيو ويو. خوني ڪڳو آزاد رهيو. خوني ڪڳو آزاد آهي. خوني ڪڳو پنهنجي ڌوهن جي سازش ۾ مصروف آهي. خوني ڪڳي جي زبان ۽ قلم سنڌ بلڪ سموري پاڪستان جي عوام خلاف سازش ۾ مصروف آهي. خوني ڪڳو رڳو نمڪ حرام سنڌ دشمن خوني ڪڳو ڪونهي. سنڌي عوام جو ويساهه آهي ته جيڪڏهن سڄي پاڪستان ۾ ڪو به پاڪستان دشمن غدار آهي، جيڪڏهن ڪو به پارٽي ايجنٽ آهي ته اهو خوني ڪڳي کان وڌيڪ پاڪستان دشمن، وڌيڪ غدار، وڌيڪ پارٽي ايجنٽ ٿي نٿو سگهي. فقط هڪڙو مثال ٿا ڏيون. مجيب کي پاڪستان تي ٻاهيون آهن. مجيب چوي ٿو هنن منهنجو گهر باريو آهي. آءُ به هنن جو پونگو پينگ ڪريان. ان ڪري هو پائي ٿو ته بهارين جو نانگـــ جنهن بنگال کي ڏنگي نهوڙي نيو سو پنهنجي ڳچيءَ مان ڪڍي پاڪستان جي ڪنڌ ۾ وجهان. تنهنڪري هو چوي ٿو ته بهاري بلا پاڪستان وٺي، هوڏانهن پارت جا ليڊر به هميشه اهڙا وجهه پيا ڳولين ته پاڪستان تي اهڙيون چٽيون وجهون جو سندس اگر تگر ناس ٿي وڃي. انهيءَ ڪري هنن پناهگيرن جا ڪٽڪ هيڏانهن مڙي آماڻيا. چپائون ته سڄي هندستان جا ڏهه ڪروڙ مسلمان پاڪستان هليا وڃن ته جيئن هڪڙي ڏڪ سان پاڪستان جو گهر مسيت ٿي وڃي. پر قائد اعظم چيو ته ”هاڻ ورهاڱو ٿي ويو. هاڻ جيڪو جتي هجي اهو اتي جو وفادار باشندو ٿي رهي.“ ان ڪري وڌيڪ پناهگيرن جي اچڻ تي بندش وڌي ويئي. هاڻي هندستان کي وري نئون وجهه مليو آهي. هو پائين ته بهاري بلائون پاڪستان کي کائي ناس ڪن، ڦڏا فساد مچائين، سنڌين جو جيئڻ حرام ڪن ته جيئن هڪڙي ڏڪ سان پارت جا به شڪار ٿين هڪڙي پاسي پاڪستان ڪٽي ختم ٿئي ٻي پاسي پاڪستان جا اصل باشندا تنگـــ ٿي اسان ڏانهن ڀڄن. تنهنڪري بنگلاديش ۽ پارت جون سرڪاريون ٻئي گهر ٽيون ڪن ته سڀ بهاري بلائون پاڪستان پاڻ وٽ گهرائي. هوڏانهن پاڪستان سرڪار چوي ٿي ته اسين پنهنجي پيٽ ۾ جهليا پيا آهيون اسين انهن کي ڪيڏانهن ڪنداسين. اهي سو ڪڙيون اصل پارت جون آهن. پوءِ بنگلاديش جون آهن. بهاري بلائن بابت اهي به ڳالهيون آهن. هڪڙي بنگلاديش ۽ پارتي ڳالهه ٻي پاڪستاني ڳالهه. خوني ڪڳو اينڊ ڪمپني، پاڪستان دشمن جي ڳالهه ڪٽيو بيٺا آهن. پاڪستان جي ڳالهه جي سرڏوڙ مخالفت ٿا ڪن. ڇا انهي هوندي به خوني ڪڳي اينڊ ڪمپنيءَ کـــي پاڪستان دشمن، وطن جو غدار ۽ بنگلاديشي ۽ پارتي ايجنـــٽ نه سمجهجي ۽ مڃجي؟

خوني ڪڳي پنهنجي جنگـــ باز اخبار ۾ سرڪار کي بيچ ڪئي آهي ته بهارين بابت ”تحريڪ ' جيڪو پاڪستان دوست ۽ وطن سان وفادار نڪته نظر پيش ڪيو آهي ۽ خوني ڪڳي اينڊ ڪمپني جي پاڪستان دشمن ۽ غدار سازش کي بي نقاب ڪيو آهي تنهنجي جرم ۾ تحريڪ کي بند ڪيو وڃي.

اسين خوني ڪڳي کي فقط ايترو چئون ٿا:

”خوني ڪڳا! تنهنجو ڏوهه ڪونهي. عادت عضوو آهي. تو کي هزار سالن کـــان

ڦرلٽ، سازش، فتني، مڪر، ترڪتال ۽ غنڊه گرديءَ جي عادت جو تجربو آهي تو هزارسال غاصب ظالم ۽ عوام دشمن شهنشاهن، نوابن، جاگيردارن جي چمچاگيري ۽ دلالي ڪري عوام جو رت پيتو آهي. تون ازل کان پنهنجي وطن ۽ عوام جو ويري آهين. تون اها ٻڪري آهين جا جنهن وڻ سان ٻڌبي آهين تنهن کي کائيندي رهي آهين. تون اهو ”نمڪ حلال“ آهين جو جنهن ٿانو ۾ توکي کارائبو آهي ان ۾ گند ڪندو آهين. تنهنجي فطرت روز ازل کان عوام دشمن، وطن دشمن غريب دشمن، چاپلوس ۽ چمچاگير آهي. خوني ڪڳا! تاريخ توکي تمام ڏکو رسو ڏنو آهي. پر هاڻ اهو ڪنڌ تي اچي پيئو آهي- ٻئي ڏينهن موجون ڪري وٺ! ٻئي ڏينهن ٻيا به چغليون هڻي، فتنا اٿاري راڄ ويڙهائي، ماڻهو مارائي، گهر ٻارائي، ساڙائي، قتلام ڪرائي، پنهنجو انود جهڙي ڪڏ جهڙو پيٽ ڀري وٺ! اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن سنڌي ته ٺهيو، ٻيون پاڪستاني قومون ته ٺهيو پر خود مسڪين ۽ پورهيت پناهگير عوام به اوهانکي سمجهي ويندا- آخر هو به سمجهندا ته سنڌن اصل دشمن پاڪستاني عوام نه پر اوهين ڦورو ٽولي وارا آهيو جيڪي سڄي پاڪستان جي ڦر جو اصل مال سپ ڪري کائي ويا آهيو. هنن کي حصي ۾ فقط هڏا سريا. انهن هڏن جي عيوض اوهان هنن کي الو بنائي سنڌن ڪلهي تي بندوق رکي پاڪستان جا تيس مار خان ٿي ويا ۽ غريب پناهگيرن کي خوامخواه ڏچي ۾ وجهي ڇڏيو. جڏهن اهو ڏينهن آيو تڏهن هو توکي تنهنجي ڦورو ۽ خوني ٽولي کي گهنڊ مان جهلي توهان کي توهانجي رنگ محل جي درين مان ٻاهر ڦٽو ڪري ڇڏيندا. خوني ڪڳا! توکي ”تحريڪ“ جي ان چوڻ تي ياهه لڳي آهي ته بهاري نه کپن. تون ان کي اشتعال ڏيندڙ لفظ سڏين ٿو. پر تون ۽ تنهنجي ٽولي وارا وطن دشمن جو روز روز صبح شام اهو رينگٽ مچايو وينا آهيو ته ”بهاري مظلوم آهن، انهن کي آڏيو“ ڇا انهن لفظن کان وڌيڪ به ڪا اشتعال ڏياريندڙ فتني انگيز ۽ بدمعاشي واري ڳالهه ٿي سگهي ٿي؟ ڇا انهن اکرن جو سولي سنڌي ۾ اهو مطلب ناهي ته اوير بنگال جي ڪلمي گو پاڪستانين جي قاتلن کي انعام طور سنڌ جو والي وارث ڪريو؟ ڇا ان جو اهو مطلب ناهي ته سنڌين کي زبردستي اقليت ۾ آڻي بهاري قاتلن جو غلام بنايو، کين پنهنجي گهر ۾ چور ڪريو. سنڌ ۾ بنگال جو خوني ڊرامو دهرايو. سنڌ کي به چچريو، چيپاتيو ۽ رت ۾ ٻوڙيو، سنڌين کي پنهنجي گهر مان لوڏي ڪڍو. ”مظلوم يهودين کي فلسطين ۾ وسايو“ واري نعري جو مطلب سڄي دنيا اڳين ڏسي چڪي آهي- هي نعرو به ساڳيو آهي- اسين ان نعري جو مطلب سمجهون ٿا- اسانکي خبر آهي ته توهان مظلوم مظلوم جا نعرا هڻي اسان کي به فلسطين جي عربن وانگر پنهنجي گهر ۾ اول اقليت ۾ آڻي پوءِ لوڏي ڪڍڻ گهرو ٿا. اسان کي خبر آهي ته اوهين انهي نعري جي اوٽ ۾ سنڌ کي اوڀر بنگال ۽ اسرائيل بنائڻ گهرو ٿا- اوهان جو اهو مڪار نعرو اسان لاءِ زن دختر گارين کان وڌيڪ چڙ ڏياريندڙ ۽ اشتعال انگيز نعرو آهي. خوني ڪڳا! اهي بدمعاشي وارا نعرا بند ڪر! خوني ڪڳا! صاف ڳالهه ٻڌي ڇڏ ۽ پنهنجي عوام دشمن، وطن دشمن، نمڪ حرام ۽ غدار ٽولي کي ٻڌائي ڇڏ! اهو ڏينهن جلد اچڻ وارو آهي جڏهن پاڪ ڌرتيءَ تي فقط انهن نمڪ حلال، اشراف ۽ حياءُ وارن ماڻهن لاءِ جاءِ رهندي جيڪي ان سان وفادار هوندا، ان جي مسڪين مارن کي ميڙيندا- ان جي پورهيت پنوهارن سان پرت رکندا- سنڌن ٻولي ۽ ثقافت کي ميڙيندا ۽ قبول ڪندا- انهن جا تاڪائو نه ٿيندا- باقي هن وطن جي عوام خلاف سازشون سٽيندڙ نمڪ حرامن، غدارن، بدمعاشن، غنڊن، ڦورن، ڌاڙيلن ۽ خونين کي سنڌ ته ڇا پر سڄي پاڪستان جي ڌرتي فقط قبر لاءِ جاءِ ڏيئي سگهي ٿي- ٻي نه-

ڪنهن ڏينهن لطيف، بلاشاهه، خوشحال خان ختڪ ۽ چاڪر خان جي سموري ديس ۾ ڪوئيٽا کان وٺي ڪيٽي بندر تائين، خيبر کان وٺي ڪارونجهر تائين هڪ ـ ڙوئي نعرو گونجندو: ” نمڪ حرامي بند ڪريو، نمڪ حرام نه ڪپن!“

مرتب

شهيد ڪئبرال کي سلام

پورچوگيزن جي غلام آفريڪي ملڪ گني ۽ ۾ پورچوگيز سامراجين خلاف جدوجهد گهڻن سالن کان هلي رهي آهي. اها جدوجهد گڏجهي ۽ هٿيار بند آهي. ان جي اڳواڻي هڪڙي لڪل انقلابي پورهيت تنظيم ڪري ٿي. ان تنظيم گني ۽ جي هارين کي بيدار ۽ منظم ڪري انهن جي هٿان ملڪ جو وڏو ڀاڱو ۽ وارو حصو پورچوگيزن کان کسي ورتو آهي. پورچوگيزن امريڪا ۽ جرمني وغيره کان ورتل نوان نوان ۽ خوفناڪ هٿيار، هوائي جهاز ۽ ٽينڪون به مٿن استعمال ڪيون آهن پر ڏينهون ڏينهن آزاديءَ جا مجاهد زور پڪڙيندا وڃن ۽ پورچوگيزن جا پير اکڙندا وڃن. پنهنجي شڪستن جو سور گونگو ڪرڻ لاءِ پورچوگيزن تازو آزاديءَ جي تحريڪ جي اڳواڻ ڪيبرال کي بزدليءَ سان قتل ڪرائي ڇڏيو. ڪئبرال آفريڪا جو هڪڙو وڏو ڏاهو، دلير ۽ مجاهد اڳواڻ هو. هو گهر ويٺي فقط زبان ۽ قلم هلائڻ وارو آزادي پسند ڪونه هو. هو بندوق هلائڻ وارن انقلابي پورهيت آزادي پسندن منجهان هو. هو وڏو عالم ۽ اڪابر هو. هن آفريڪا جي خاص حالتن پٽاندڙ، انقلاب جي سائنس ۽ نظريي ۾ ڏاڍا قيمتي واڌارا ڪيا ۽ انقلاب جي سائنس کي نون تجربن جي خزاني سان مالا مال ڪري ڇڏيائين. گنيءَ جي انقلابي وطن دوست مجاهدن جي آزاديءَ جي تحريڪ هڪڙي باقائدي انقلابي تنظيم جي اڳواڻيءَ هيٺ هلي ٿي انجو دارومدار رڳو ڪنهن هڪڙي شخص تي نه هو. تنهنڪري مرحوم ڪئبرال جي گذارڻ ڪانپوءِ به هن تحريڪ جي واڌاري ۾ ڪوبه بنيادي رخنو نه پيو آهي. ڪئبرال گذاري ويو آهي پر سندس تعليم ۽ سندس ڪارناما جيئرا آهن. انهن کي ڪوبه ماري نٿو سگهي. پورچوگيز سامراجين جي شڪست اٽل آهي ڪي به ذليل حرڪتون ۽ خونريزيون کين پنهنجي يقيني شڪست کان بچائي نٿيون سگهن. سڄي دنيا جي ٻين انقلابي وطن دوستن وانگر سنڌ جا انقلابي وطن دوست به عظيم ڪئبرال جي امر ڪارنامن ۽ سندس عظيم موت کي سلام ڪن ٿا.

جيئي ڪئبرال! جيئي گنيءَ! جيئي آفريڪا! جيئي سنڌ!

"پٿر تي ليڪو" ۽ ٻيون ڪهاڻيون

ڪجهه وقت ٿيو ته نجم عباسيءَ جي ٻن ويهه ڪهاڻين جو ڪتاب ڇپيو. ڪتاب جو نالو آهي "پٿر تي ليڪو" ٿلهي ڪني گهڻو آپامندي آهي، ٿلهو ڇڙو گهڻو وچڻو آهي، ڇٽ ملان مخرج سان ڳالهائيندا آهن، ٻي سرا گويا اجايا ڀاڻا ڄڻيندا آهن. جي اوهان کي اها خبر هوندي ته پوءِ اوهان سمجهي ويا هوندا ته ٿلهو، ڇٽ ۽ ٻي سرو فنڪار ڇا کي چئبو آهي. سنڌ ۾ اڳي تڪبند شاعر ائين پوريءَ کان ٻاهر هئا. هاڻ اهو مرض ڪن ڪهاڻيون لکندڙن ۾ پيو آهي. ڳالهه ٿي ٿي ڪانه. سڪڻي پٽاڙ ۽ ٻي مري پخي ۽ جهڳي. ڪي ان کي "نئين ڪهاڻي" سڏين.

نجم کي الله انهيءَ اجائي پخيءَ جي مرض کان پناهه ڏني آهي. سندس هرڪا ڳالهه وزنائتي ۽ ڪم جهڙي آهي. سندس زبان ۾ رس ۽ شيريني آهي. وڏي سرت وارو ۽ سريلو ماڻهو آهي، واڄٽو ناهي. نجم جي ڪهاڻين ۾ هڪڙي زبردست خوبي آهي جا ٻين ۾ ورلي لڀندي. هن جون ڪهاڻيون اڻ پڙهيل سنڌين کي مغز ۾ ويهنديون ۽ پڙهيلن کي به لست ڏينديون. اهي تمام سنيون سڌيون به آهن ۽ وڏي مطلب واريون به آهن. اوچي فن لاءِ جيڪي گهڻيون خوبيون گهرجن تن ۾ اها هڪڙي مکيه خوبي آهي. ڀلان ڀلي جو ڇيهه ڪونهي. نجم کان قابل لکندڙ سنڌ ۾ پيا آهن. پر انهيءَ هڪڙيءَ ڳالهه ۾ هو ٻين گهڻن کان اڳرو آهي.

هن دور ۾ سنڌ کي عوامي ڪهاڻيون گهرجن يعني اهڙيون ڪهاڻيون جي نه رڳو سنڌي عوام جي زندگيءَ جي مسئلن بابت هجن پر اهي سنڌي عوام جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لائق به هجن. اڳتي هلي سنڌ کي اهڙيون ڪهاڻيون گهربيون جي نه رڳو عوامي هجن پر انقلابي به هجن. يعني اهي ڪهاڻيون اهڙيون هجن جي نه رڳو سنڌي عوام جي مطلب پڙهڻ ۽ سمجهڻ جهڙيون هجن پر انهن ۾ سنڌي عوام کي پنهنجي زندگي مڪمل طرح بدلائڻ جو ڏس پتو ڏنل ۽ گس ڏيکاريل هجي.

اسين نجم جهڙن عوامي لکندڙن کي صلاح ڏينداسين ته هو دنيا جي انقلابي قومن جي ادب جو مطالعو ڪن. خاص ڪري انقلابي عوامي ۽ قومي ادب بابت عظيم چيني شاعر ۽ نقاد ماؤزي تونگ جي جڳ مشهور مقالي "ادب ۽ فن بابت ينان وارو مباحثو" جو گهرو مطالعو ڪن ۽ پنهنجي فن ۾ انقلاب آڻين.

ويٽنامي وڏي ڪهاڻي

ويٽنامي ڪهاڻيڪار: نگوين ترونگ ٿان

سنڌيڪار: رسول بخش پليجو

موٽڻ جنين ميهٽو

”هيءَ ڪهاڻي ويٽنامي سونهن، سک، پيار ۽ سورهيائيءَ جي ڪهاڻي آهي. هيءَ ڪهاڻي هڪ دفعو نه پر ٻه ٽي يا اڃا به گهڻا ڀيرا پڙهڻ جهڙي ڪهاڻي آهي؛ ياد ڪرڻ جهڙي ڪهاڻي آهي؛ ٻين کي ٻڌائڻ جهڙي ڪهاڻي آهي. خاص ڪري پنهنجن ٻارن ۽ ٻچن کي.......

ڪهڙي خبر سنڌ تي به ويٽنام جي سک، سونهن، سچ ۽ سورهيائيءَ جا ڏيرورا پنجي وڃن!....“

جيئن انساني بدن جو مرڪز دل ۽ دماغ آهي تيئن سموريءَ ڌرتيءَ، سموريءَ انسان ذات جا به ڪي مرڪز هوندا آهن. اهي وقت به وقت بدلبا رهندا آهن. سڄي دنيا مڃي ٿي ته اڄ سموري ڌرتيءَ، سموري انسانيت جي دل ويٽنام آهي. ويٽنام اڄ روءِ زمين جي انساني نيڪي، ڏاهپ، مڙسيءَ، قربانيءَ، سورهيائيءَ، سچائيءَ، سونهن ۽ پيار جو مرڪز آهي. ويٽنام انسانيت جي هزارين لکين سالن جي واڌاري جي اوچي ۾ اوچي منزل آهي. ويٽنام انسان ذات جي سڀني اڳين، پوين ۽ هاڻوڪن اعليٰ گڻن جو نچوڙ آهي.

جيڪڏهن اڄ سمورن اڳين، پوين ۽ هاڻوڪن نيڪن، ڏاهن، شاعرن، فيلسوفن، سهڻن عاشقن، سورمن کان پڇي سگهجي ته 'توهان جنهن نيڪي، ڏاهپ، شاعري، فلسفو، سونهن عشق يا سورهيائيءَ جا گهورا آهيو تنهن جو ملڪ ڪهڙو؟' ته گهڻا يقيناً ويٽنام ڏانهن اشارو ڪري چوندا "اهو!"

دنيا جي هر دور ۽ هر ملڪ ۾ دودا، دريا خان، هوشو ۽ هيمون پيدا ٿيندا رهندا آهن. انهن جي جذبي، جرئت ۽ جولان مان اڄ هرهنڌ، هر ملڪ ۾ وڏي ويجهي راڄ ٿي پيا آهن. پر ويٽنام سڄي جو سڄو دودا ۽ دريا خان آهي. سڄي جو سڄو هيمون ۽ هوشو آهي. ٻارڙا جوان، ٻڍا، مرد، عورتون سڀ جا سڀ دودا ۽ دريا خان سڀ جا سڀ هوشو ۽ هيمون. پر نه! حق جي ڳالهه ڪجي ته اها ڳالهه به اڃا سورنهن آنا صحيح ناهي. دودا ۽ دريا خان هوشو ۽ هيمون سندن حياتيءَ جي ڪنهن هڪڙي پل، ڪنهن هڪڙيءَ گهڙيءَ، ڪنهن هڪڙي ٻن ڇئن يا پنجن ڏهن ڪارنامن ڪري دودا ۽ دريا خان، هوشو ۽ هيمون سڏجن ٿا. پر ويٽنام جا سورهيه ٻار ۽ ٻڍا، مرد ۽ عورتون، ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين حياتي جي هر پل ۽ هر گهڙيءَ ۽ هر ڏينهن ۽ هر رات جو، هر ڳالهه، هر ڪم، هر ڳڻ، هر هلت ۾ سڄي دنيا جا دودا ۽ دريا خان، هوشو ۽ هيمون آهن.

ويٽنام سدا ملوڪ سونهن جو گهر آهي. ويٽنام پيار جو وطن آهي. ويٽنام، سهڻين، سسين، ماروين ۽ موملن جو ديس آهي. پر ويٽنامي سهڻيون ۽ سسيون، مارويون ۽ موملون سڄي دنيا جي اڳين پوين ۽ هاڻوڪين سهڻين ۽ سسين، ماروين ۽ موملن کان اور آهن. ويٽنام جو جهڙو حسن نرالو آهي تهڙو پيار.

هيءَ ڪهاڻي ويٽنامي سونهن، پيار ۽ سورهيائيءَ جي ڪهاڻي آهي. هيءَ ڪهاڻي هڪ دفعو نه پر ٻه ٽي يا اڃا به گهڻا ڀيرا پڙهڻ جهڙي ڪهاڻي آهي؛ ياد ڪرڻ جهڙي ڪهاڻي آهي؛ ٻين کي ٻڌائڻ جهڙي ڪهاڻي آهي خاص ڪري پنهنجن ٻارن ۽ ٻچن کي. ڪهڙي خبر سنڌ ۾ به ٿوُ، لاليءَ، هينگ، زيت ۽ پوڙهي مِنٽ جهڙا ٻار، جوان، مرد، عورتون ۽ ٻڍا پيدا ٿي پون. ڪهڙي خبر هت به ڪڏهن ٿوُ ۽ لاليءَ جهڙو عشق جنم وٺي وجهي! ڪهڙي خبر هتي به ڪڏهن ڪوُيت جهڙا گاروڙيءَ انقلابي قومي ڪارڪن پيدا ٿي پون! ڪهڙي خبر سنڌ ٿي به ويٽنام جي سڪ، سونهن، سچ ۽ سورهيائي جا ترورا پئجي وڃن.

اسان کي ضرور لکي موڪلجو ته هيءَ ڪهاڻي توهان سمجهي ۽ توهان کي وڻي يا نه. وسارجو نه! [ر. ب. پ]

موٽڻ جنين مهيڙو

هي ڳوٺ دشمن جي پاسي واري فوجي ٽاڪي جي توبن جي ماري اندر آهي. ڪين اها عادت پنهنجي ويئي آهي ته روز ٻه دفعا گولي بازي ڪندا آهن: يا ته فجر ۾ سج لٿي مهل يا ٻن پهرن ۾ سومهڻي مهل يا وري آڌيءَ ۾ فجر جو ڪڪڙن جي ٻانگ مهل. گهڻا گولا اڪثر چشمي جي پاسي واري ٽڪريءَ تي ڪرندا آهن جا سڄي خانوءَ نالي وڻ جي ڳهاٽي ٻيلي سان ڍڪي پئي آهي. اهي جيڪي هزارين وڻ آهن تن مان گهڻن تي گولن جا گهاوَ آهن. ڪي وڻ اڌ کان وڌيڪ اڳين اڳي ڪريا آهن ڄڻ ڪنهن طوفان جو شڪار ٿيا آهن. سندن وڍن مان جام رس سنجري نڪرندو آهي اهو خوشبودار رس ڀريائين سج جي ترورن ۾ چمڪندو آهي. ٻوءِ ڪاراڻجي، سُسي، رت جي دٻن وانگر ٿي پوندو آهي.

خانوءَ جي وڻ جهڙو جانٺو ۽ وڏو وڻ ٻيو ڪو ورلي هوندو. اچا هڪڙو وڻ ڪرندو ته چار پنج نوان وڻ ڦٽي پوندا ۽ سندن ساوا ڇهڇ تير جهڙا نوڪدار مٿا، آسمان ڏانهن پڙڪو ڪائي اٿندا. ان وڻ کي سج جي روشنائي جي ڏاڍي اُڃ آهي. ننڍڙا ٻوٽا ٽڪڙو ٽڪڙو سج جي روشنائيءَ طرف وڌندا آهن. اها روشنائي ٻيلي اندر ائين ڇڻنديآهي ڄڻ ڪنهن ڇاڻيءَ مان ڇڻي آهي. ٻوٽي جا هيٺيان سرها ذرڙا روشنائي جي ترورن ۾ سهڻا نقش چٽي ٻيهندا آهن. جڏهن ڇاٽيءَ جيترا ننڍا وڻ توبن جي گولن سان واڍيڙجي ڪرندا آهن تڏهن سندن گهاوَ ڇڻي

ڪونه سگهندا آهن. منجهانئن سنهڙو ۽ نبار رس ٻيو ڳڙندو آهي. هو پنهنجن ڏهن ڏينهن ۾ مري ويندا آهن. پر جيڪي وڻ وڏي وڏا ٿي ويا هوندا آهن ۽ سندن ٿلهيون ٽاريون ۽ پن ڪري ويندا آهن تن کي گولا ماري نه سگهندا آهن. سندن ڦٽ جلد ڇٽي ويندا آهن ۽ سندن جوان بدن چاڪ چڱو ڀلو ٿي ويندو آهي. ٽنهنڪري گذريل ٻن ٽن سالن ڪانوٺي خانوءَ جي وڻن جو ٻيلو ڳوٺ جي ماڻهن لاءِ سپر ۽ ڇپر ٿيو بيٺو آهي.

ماڻهو انهيءَ ٽڪريءَ تي بيهي آسپاس نهاريندو ته چوطرف نظر جي آخري ڇيڙي تائين هڪ ٻئي پٺيان ٽڪريون نظر ايندڙيون جي سڀيون خانوءَ جي ٻيلن سان ڍڪيون پيون آهن.

ٽوُ جڏهن کان آزاديءَ جي فوج ۾ شامل ٿيو هو تڏهن ڪانوٺي ٽن سالن ۾ ڪيس پنهنجي ڳوٺ اچڻ جو ٻيو دفعو اموڪو وجهه مليو هو. چشمي وٽ کيس ننڍڙو هينگ مليو جنهن چيس ته ”ادا! هل ته توکي ڳوٺ پهچايان.“ جنهن ڏينهن ٽوُ پرتي ٿيو هو تنهن ڏينهن هينگ ٽنڊڻ جيڏو ننڍو هو ۽ ٽوءَ کي ڇيلهه تائين ٻه ڪونه ٿي آيو. هو ٽوڪرو ڪلهي تي رکيو وڻن جي پٺيان ٻيلي منجهه جيڪي ڇوڪڙيون هيون اتي ويندو هو. هاڻي ڪيس ڪلهي تي رائيفل هئي. هو پراڻو ڳس

وٺي اٿي هليا. واٽ تي ڪس ٻنيءَ مان لنگهيو ٿي ۽ پٽر جي چاڙهين تان چڙهي ٻيلي مان مٿيو ٿي. ميندوڪيءَ ڪري ٻيلي ۾ جهنگ جون چڙون ٻيرن کي ڇهنتي ٿي ويون. جنهن ڪس تان هو آيا هئا اهو ٿوءَ جو چاتل سڃاتل ڪس هو پر اڄ سونهين بنا ان تان هلڻ وڏو جوکم جو ڪم هو. اهو ڪس سڄو ڪوڙڪين ۽ ڪڏن سان ڀريو پيو هو. واٽ تي ڪٿي مڙيل بانس جا وڻ هئا جن کي جي ڇڏجي ها تہ ڪس تان لامارو ڏيئي واٽ ويندڙ دشمن جون ٽنگون ڀڃي رکن ها. ڪٿي ڀالن جون ڪوڙڪيون هيون تہ ڪٿي زبردست ڪمانون لڪل هيون جن مان اوچتو ٻنا ٻنا نيزا بي خبر دشمن تي وڃي ڪڙڪن ها.

خومان ڳوٺ جي ٻين ماڻهن وانگر ننڍڙو هينگ ڳالهائڻ ۾ ڏاڍي ڪفايت ڪندو هو. ڪيس هڪڙي ٽوپي پيٺي هئي جيڪا ڪنهن آزاديءَ جي مجاهد ڏني هيس. هڪڙي اجائي ڍڳهي صدري پاتل هيس. هيٺ لنگ ٻڌو پيو هوس. ڪلهن تي رائيفل پئي لڙڪيس. هو ڏٺڻ ۾ سچو پچو سپاهي پئي لڳو. ڪنهن ڪنهن مهل جڏهن ڪنهن اهڙي هنڌ آيا ٿي جتي دشمن لاءِ ڪوڙڪيون تمام زبردست هيون تڏهن هن ٿوءَ کي اک ٿي ڀڳي. ڄڻ تہ چيائين پئي تہ 'آدا ڪيئن ٿو ڀانئين!' سندس اکيون فخر وچان چمڪڻ ٿي لڳيون. ڪيس ڏسي ٿوءَ بہ جواب ۾ مرڪي ڪنڌ ٿي لوڏيو.

هو هڪڙي بانس جي نلڪي وٽ اچي بيٺا. اهو نلڪو ٽڪريءَ جي هڪڙي ڏر مان نڪتل هو ۽ منجهانئس پاڻي گرڙاٽ ڪري پئي نڪتو. هينگ چيو "هن پاڻي ۾ پير پلي ڏٺو. پر پيڇاڻ نہ! نہ تہ ادي زيت تنقيد ڪندءِ!"

ٿوءَ ٿهڪ ڏنو ۽ پڇيائين "ادي زيت ڳوٺ جي هيلٿ آفيسر آهي ڇا؟" هينگ چيو "نہ، هوءَ ڳوٺ جي پارٽي ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽريائي آهي. ۽ ها، سڄي ڳوٺ جي عوامي پوليس جي سياسي استاد بہ آهي." ٿوءَ سوچيو "هون! تہ چئبو اها ڳالهہ آهي!" هن ٽوپي لاهي صدري جا بٽڻ کولي، جهڪي منهن ۽ مٿي تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هنيا. پاڻي ڏاڍو ٿڌو هو. سندس بدن ۾ رت جو دورو تيز ٿي ويو ۽ ڪيس ڳلن ۾ سيسرات اڀرڻ لڳا.

هن دل ۾ چيو 'اڇا! تڏهن چئبو تہ مائي زيت هاڻي ڳوٺ جي پارٽي ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽريائي ٿي ويئي آهي! هينئر ڏسڻ ۾ الائي ڪيئن لڳندي هوندي؟' زيت لاليءَ جي ننڍي ڀيڻ هئي. لاليءَ جي موت جي پٺيان ڏينهن جڏهن ٿوءَ ڳوٺ ڇڏي آزاديءَ جي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ ٿي ويو تڏهن ننڍڙي زيت سڄي رات پئي جاڳي ۽ ٿانئي جي ڀرسان ويٺي هٿ سيڪيائين. ڇو تہ رات جو پارو پئي پيو ۽ زيت جي بدن تي پورو ڪپڙو بہ ڪونہ هو. فجر جو هن اٿي ٿوءَ لاءِ اُڪريءَ ۾ چانور چڙيا هئا. هن ٿيهہ ڪٽورا چانور چڙي ڳوٺري ۾ وجهي ٿوءَ کي ڏنا هئا. ڀيڻس جي موت تي پيا تہ نهيو پر وڏڙو ميٽ بہ روئي روئي بيحال ٿي ويو هو. پر ننڍڙي زيت ڳوڙهو بہ ڪونہ ڳاڙيو ۽ نڪي وات مان ڪو اکر ڪڇي.

هينگ چيو "ٿورو وک وڌاءِ! ٿڌو پاڻي تپ ڪري وجهندءِ. رات پئجي ويندي."

ٿوءَ پنهنجا وار ڪونہ سڪايا. هن ٽوپي پاڻي چوڪري جي پٺ ورتي. ٻيلي جي ڇيڙي وٽ هڪڙو وڏ و وڻ رستي تي ڪريو پيو هو. هو ان کي اورانگهي اڳتي وڌيا. پاسي ۾

انقلابي گوريلن جي ڪوٽيل ڪاهي هئي. جنهن ڏينهن ٿوُ ڳوٺ مان روانو ٿيو هو، تنهن ڏينهن اهو وڻ اڃا بيٺل هو. ٿوُ ٻيهي رهيو. لاليءَ سان ٿوُ ڀيريون دفعو انهيءَ وڻ وٽ ڳڏيو هو. خير هرويرو ڀيريون دفعو تہ نہ! هو ڳوناڻي هئا ۽ جڏهن کان سندن مائرون کين ٻچڙن ۾ ٻڌن تي ڪٽي هلنديون هيون تڏهن کانوٺي هڪٻئي کي سڃاڻندا هئا. پر ٿوُ جيل ٽوڙي پڇي نڪرڻ کانپوءِ ڀيريون دفعو لاليءَ کي هت مليو هو. هوءَ ڏاڏي وڏي ٿي ويئي هئي. ان ڏينهن ٿوءَ جا هٿ سلامت هئا. جنهن مهل لاليءَ سندس هٿن کي جهليو هو ۽ رُني هئي تڏهن سندس ڳوڙها ٻالپڻ جي سائيءَ جا ڳوڙها ڪونہ هئا. اهي ڳوڙها حجاب واري ڇوڪريءَ جا پيار ۽ قياس مان ٿمندڙ ڳوڙها هئا. انهيءَ ملاقات کي ياد ڪري ٿوُ جي ڇاتيءَ ۾ ڏک جي سوٽ آئي. هن سور وچان پنهنجون اکيون ائين ڦاڙيون جيئن ڪيترا ورهيہ اڳ جڏهن دشمن کيس عذاب ڏنا تنهن مهل ڦاڙيون هئائين.

نندڙي هينگ کي ٿوءَ جي حياتيءَ جي انهيءَ واقعي جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي. هن آن ڪرڙيل وڻ تي چڙهي پوئتي لوڏو هڻي ٿوُ کي سڏ ڪري چيو "ادا ٽڪڙو اچ! ڳوٺ کان هيترا ڏينهن پري رهيو آهين تہ نندڙي ڇاڙهي بہ چڙهي ڪونہ سگهيو آهين!" ورن وڪڙن واري ڳس تي هرهنڌ اهڙيون ڪاهيون هيون جن ۾ ٽڪا نيزا لڪائي رکيل هئا. جيڪو اتفاق سان آن ڪڏ ۾ ڪري ها تنهن کي نيزا آرپار لنگهي وڃن ها. ٿوءَ ماٺ ڪيو پئي هليو. سندس منهن جا وصف سخت ٿي ويا هئا. پري کان کيس مُهرين ۽ آڪرين جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هُن محسوس ڪيو تہ ڳوٺ کان جيڪي ٽي سال ٻاهر رهيو آهيان سي انهن آڪرين ۽ مهرين جي آواز لاءِ ٿي واجهائيندو رهيو آهيان. سندس ڪَن ٻالپڻ کان انهيءَ آواز تي هريل هئا. اهي آواز— سندس ماءُ، لاليءَ، زيت ۽ ڳوٺ جي ٻين محنتي زالن جي آن ڇڙڻ جا آواز! سندس ٻالپڻ جا سائي هئا. هُن سانتيڪو رهڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندس دل زور زور سان پئي ڌڙڪي. سندس پير هر هر وڻن جي ٽُڙن سان لڳيو، ٿاٻڙي ٿي پيا. هو هينگ کي وچي پهتو ۽ سٽ ڏيئي ڪانئس اڳتي نڪري ويو. ڇوڪري رڙ ڪري چيو "ڇؤطرف ڪوڙڪيون اٿئي! اڳي واري ڳالهہ ڪانهي! ترس! منهنجي پٺيان ٿي!"

هو سڄ لٿي کان ڏورو اڳ ڳوٺ پهتا. هينگ رائيفل جو ڪنداڪ زمين تي آيو رکيو ۽ واڪو ڪري چيائين "هڪڙو مزمان آيو آهي!" هر ڪنهن دروازي مان چار پنج سسيون نڪتيون جن جي منهن تي مونجهہ هئي. پوءِ اکيون ڦاڙي ويون ۽ خوشيءَ. پريا واڪا ٻڌڻ ۾ آيا. "الا! ٿوُ اچي ويو! ٿوُ، تون سچ پچ اچي وئين؟" کي ڏاڪڻين کي چڙي بانس جي پيهن تان ٽپو ڏيئي هيٺ لهي آيا. ڪراڙيون زالون آهستي آهستي هٿوراڙيون ڏينديون نڪري آيون ۽ ٿوءَ تي پيار ڀري ڪاوڙ ڇنڊڻ لڳيون. "نندڙا بدمعاش! شيطان ڪٿي ويو هئين ڇا جو ايڏا ڏينهن وچي لاتا اٿئي؟ پانيان ٿي تہ منهن جي مرڻ کان اڳ اچڻ تي دل ئي نٿي ٿيئہ!" ٿوُ دل ۾ سوچيو 'رب منهنجا پناهہ! ڏاڏي لينگ اڃا بہ جيئري آهي!' درن جي پيڪڙن مان اڃا بہ سسيون نڪتيون پيون هيون. نندڙيون ڇوڪريون جن کي لڄ وچان ٻاهر نڪري

ٽوءِ ٽي ٽڪارڻ جي عمت نظر ٿي، هي پنهنجي منهن ڪيل ڪيل لڳايو ويٺو هيو. جلد ئي ڪيس وڏو مهڙ ورائي ويو. هن سپهي کي سڃاتو. هن اڇي ڏاڙهيءَ واري پوڙهي ڏانگ کي سڃاتو جنهن جي وات ۾ هڪ ٻه ڳهو پائيپ هو جيڪو دشمن جي هڪڙي ماري ڪيرايل هيليڪاپٽر مان هٿ چڙهيو هوس. هو ادا پيريو هو جيڪو هاڻي عمر ۾ اچي چڙهيو هو، هوءَ ادي بلوم هئي جنهن جي مٽي ۾ اڇا پٽڪي ويا هئا، هوءَ اماتروڻي هئي جنهنجا سڀ ڏند ڪري ويا هئا. ٻارن جو ولر اچي مڙيو جن سپهي جا منهن ڪوئلن جي ڪاراڻ مان پريا پيا هئا. هن دل ۾ سوچيو 'پوڙهو ميٽ الائي ڪيڏانهن ويو؟' ٽوُ اجا پڇا ڪرڻ وارو هو تہ هڪڙي ڳري هٿ سندس ڪلهي کي اچي چڪي جهليو. هن اوڏو هٽي ڏٺو تہ پوڙهو ميٽ بيٺو هو. هو اڪي جهڙو ئي جانئو هو. سندس لسي ڪاري ڏاڙهي اهاڻي چيلهہ تائين هئي. سندس اکيون ماڪيون پٽي چمڪيون ۽ سندس ڳل تي ماڪيو پرالو نشان هو. سندس اڳهاڙي ڇاتي اهڙي مضبوط ٿي ڏسڻ ۾ آئي ڄڻ ڪنهن خانوہ جي وڻ جو مضبوط ڏنڍ هئي. هن ٽوءِ کي آهستي ٿيلهو ڏنو، ڪيس ننهن ڪان چوٽيءَ تائين جاچي ڏٺائين، پوءِ اچي وڏن ٽهڪن ۾ ڇٽو. "ها ها! ٽام گن! آزاديءَ جي فوج جو انقلابي مجاهد! نيڪ!" ٽوُ سمجهي ويو تہ پوڙهي جو مطلب ڇا آهي. هو "ڏاڍو سٺو" يا "واه واه" جا اکر ڪڏهن بہ ڪونہ چوندو هو. هو جڏهن گهڻي ۾ گهڻو خوش ٿيندو هو تڏهن چوندو هو، "نيڪ!"

پوڙهي ميٽ جو ڳالهايو تہ سڀ ماٺ ٿي ويا. ڄڻ تہ هن سپهي کي حڪم پٽي ڏنو. سڀ سالن جو هو تہ بہ زبردست گونجندڙ آواز هوس.

پوڙهي ميٽ پڇيو "موڪل گهڻي اٿئي؟" "بس هڪڙي رات!" "نيڪ! ڪمانڊر هڪڙي رات جي موڪل ڏيئي تہ هڪڙي رات رهہ. جي ٻن جي ڏيئي تہ بہ راتيون رهہ. حڪم حڪم آهي. سانجهيءَ مون وٽ رهہ!" ڪنهن بہ حجت ڪانہ ڪئي. هو وري چوڻ لڳو، "هاڻ سڀ گهر وڃو! سج لهي ويو آهي. رات جي ٽوڻ جو وقت ٿي ويو آهي. اوهين ٻار سڀ وڃي منهن ڌوئي ڪاراڻ لاهيو، هيئر جهڙا ناڪي پيا لڳو! جيڪي منهن نہ ڌوئن تنکي سندن سنگتي نيڪ ڪن. ٽوُ! تون وڃي پير ڌوئي اچ. خبر اٿئي نہ چشمو ڪٿي آهي؟ اٿئي تہ چڱو. نيڪ! نہ هجئي ها تہ آءٌ جهنگ ڏانهن ڀڄائي ڪيڏين ها." پر ڪانئس رهيو نہ ٿيو ۽ ٽوءَ ڪان سندس ٿيلهو ۽ رائفل وٺي ڪيس ساڻ ڪري هو ڳوٺ جي مهڙ وٽ جيڪو چشمو هو اتي ويو. ٻارن جا ولر سندن پويان پيا. ڪن ڇر ڪرين بانس جي نلڪي مان بانس جو نيل ساندارئون پٽي پريون. ٽوءِ سندن مهاندا تہ سڃاتا پر نالا ياد ڪونہ هئس. هن پاڻمرادو ٽي ٽوءِ کي جاءِ ڏني. هن وري بہ پنهنجو منهن ڌوتو ۽ پوءِ پنهنجي قميص لاهي پنهنجي مٿي، پٺ ۽ ڇاتيءَ تي ٿڌو پاڻي وڌو. انهن ڪنڌي ڪيس اکيون ڏينهن جون ياد ڳيريون آيون، جڏهن هو ساڳيءَ جاءِ تي هڪڙي ترا ڪڙي پٿر تي ويهي وهنجندو هو. پٿر جي هڪڙي ڪنڊ ڳنل هوندي هئي. پوڙهو ميٽ ان تي پنهنجو چاقو سيريندو هو.

پوڙهي ميٽ ماٺ ڪري ٽوءِ جا پٺا پٽي ڏٺا. پٺا سڄا ڳاڙهن نشانن سان پريل

هئا. ٻوڙهي جي اکين مان لڙڪن جي لار وهي اٿي هلي. هن انکي تڪڙ ۾ اگهي ڇڏيو. ٿو ڪجهه ڪوند ڏنو ٻر ٻار ڏسي وائڙا ٿي ويا. گهرن جي ڇتين تان دونهين جا ڪارا گلابي ڏاڳا اڀرڻ لڳا.

ماني ۾ ٻنا لوڻ جي ڀاڄيءَ جو ٻوڙ ۽ ڀتي هئي. سڀ خاص مهمان لاءِ رڌي هئي. ٿوُ پنهنجي مانيءَ جي ٻيتڙي ڪولي ۽ ٻوڙهي ميٽ کي لوڻ جو هڪڙو چمچو ڏنائين. ٻوڙهي چيو، "زيت جڏهن ضلعي جي انقلابي مجاهدن جي ڪانفرنس تان موٽي تڏهن مونکي لوڻ جي اڌ چل آڻي ڏني هئائين. اها مون وٽ اڄا رکي آهي. اهو لوڻ کيس ڪانفرنس ۾ انعام طور مليو هو. هن ٻيو سڀ لوڻ سيني ۾ ورهائي ڇڏيو. باقي مون واري اڌ چل بيمارن لاءِ رکي ڇڏي اٿئون."*

ٿوءَ جيڪو لوڻ ڏنو سو ٻوڙهي ميٽ ٻوڙ ۾ ڪوند وڌو. هن اهو ويٺلن ۾ ورهايو. سڀڪنهن کي ٿِي ٿِي ڪڻا مليا. سڀ ڪنهن ڪڻو ڪڻو ڪري لوڻ وات ۾ وڌو. جڏهن اهو ڳري ويو تڏهن آهستي آهستي ان مان چشڪا وٺڻ لڳا. ڀت ۾ ٻاڄو وڻ جون ٽاريون رڌل هيون. ٻوڙهي ميٽ پنهنجي ڀت جو ٻالو مٿي ڪري چيو "اسان وٽ آن جي کوٽ ڪانهي اسان وٽ ٻئي فصل تائين ڪافي آن آهي. پر هر گهر کي ٽن سالن جي کهرج جيترو ان بچائي رکڻو آهي. توهان تہ انقلابي فوج سان آهيو. تنهنجي ڪمانڊر تہ توکي ٻڌايو هوندو تہ پاڻ کي آمريڪين سان ڊگهي لڙائي لڙڻي پوندي."

تنهن کان پوءِ هن چيو تہ مٿاڇري نموني پڇيو، "تنهنجون آڱريون اهڙيون ڏي ٻئي ڪان سواءِ آهن نہ؟ سندن ٻئي وري نتا موري سگهن، هان؟" هن ڪاوڙ مان ٻالو ڪڍي هيٺ رکيو ۽ چيائين، "پر اها تہ سڄي ڳوٺ جي ماڻهن کي خبر آهي تہ آڱر جون رڳون ٻيہ پٽيون سلامت هونديون تہ بہ رائفل جو گهوڙو هلائي سگهجي ٿو. وڏي چشمي جي پرسان خانوءَ جي وڻن جي ٻيلن مان لنگهيو هئين نہ؟ اهي وڻ زور وٺندا. پنهنجي خانوءَ جي وڻ کان زور واري ڪا شئي ڪانهي. هڪڙو ڪري ڏو تہ ٻيا ڏهہ موريو پون. انهن حرامزادن کي موڪل آهي تہ ٻلي سڄو ٻيلو تہ ناس ڪري ڏيکارين! ڀت ڏئو ڪري ڪاٽ! پاڻ انترا قوم جا ماڻهو عاليشان چانور اپائيندا آهيون. انهن جهڙو چانور سڄي ويتنام ۾ ٻيو ڪونہ ڏسندين."

ماني کائي لاٿئون تہ ڳوٺ جي گڏيل اوطاق کان سنکھ جا ڏي نڪاءُ ٿيا. ڳوٺ جا ماڻهو ٻوڙهي ميٽ جي گهر ۾ گڏ ٿيڻ لڳا. ڇوڪرين گهر ۾ گهڙڻ کان اڳ ۾ پنهنجون آماڙيون وسائي ڇڏيون پر ڪي ٻوڙهيون ٻريل آماڙين سان ئي گهر ۾ گهڙي آيون تہ ٿوءَ کي چڱيءَ طرح ڏسون، پوءِ آماڙيون ڪڍي چلهہ ۾ وڌائون ۽ سندن چپن ٻڙڪي اٿيون. ٻوڙها اڃا ٻريان ئي هئا تہ رڙ ڪري پڇيائون "ٿوُ آهي ڇا؟ ميٽ! ماني ڪارائي اٿيس؟" هڪڙيءَ ٻوڙهيءَ چيو، "مرد ماڻهو ٻاسي ٿي زيت کي جاءِ ڏيو! ڏيئڙي هٿ اڃي ويهہ!"

ٿوُ مٿي نهاريو. زيت سندس اڳيان ويٺي هئي. سندس ڏنگون هڪڙي ٻاسي ورهيل هيون ۽ ڪڙيءَ تائين چولي ۾ ڍڪيل هيون. نوجوان ٿوءَ کي ڇڄ ڏڪڻي وٺي ويئي. سندس اڳيان

* ويتنام جي ڪيترن جابلو علائقن ۾ دشمن جي گهيري سبب لوڻ اڻلڀ آهي.

جهڙي لالي ويئي هئي. زيت اهڙي ته هريهو پنهنجي پيءُ تي ويئي هئي جو ٿوءَ کي پنهنجي اکين تي ويساهه ئي نٿي آيو. سندس نڪ جو پوچڙ جو اڳي ٻالپڻ ۾ ڏورو گول هو سو سڌو ۽ سنهو ٿي ويو هوس. سندس ڪارن پرن هيٺان اکيون موڪريون ڪاپل، صاف ۽ سانتيڪيون هيون. چار پنج ٻار زيت جي پرسان جاءِ وٺڻ لاءِ ڀاڻ ۾ انڪيا پيا هئا، تيستائين زيت ٿوءَ کي پٺي جاچيو. تنهنکان پوءِ هن ڪجهه رُڪي آواز ۾ ٿوءَ کان پڇيو، "ڏو وٽ ڪاغذ آهي؟" ٿوءَ ڳالهه نه سمجهي ۽ چيائين "ڪهڙو ڪاغذ؟"

"تنهنجي موڪل جو ڪاغذ. تون باقائدي ڪاغذ ڪانسواءِ ڳوٺ گهمڻ نٿي اچي سگهين، نه ته ڳوٺ جي ڪاميٽي توکي گرفتار ڪندي!"

ٿوُ اچي ڪل ۾ ڇڪيو. پهريائين ته دل ۾ چيائين ته چوانس ته "مون وٽ ڪاغذ ٻاغذ ڪونهي. ڳوٺ جي سڪ لڳيم سو پنهنجو دستو ڇڏي پنهنجو اباڻو ڳوٺ گهمڻ آيو آهيان!" پر زيت جي ڪرڙي نظر ۽ چوطرف انتظار ڀري ماٺ کي ڏسي هن پنهنجو خيال بدلايو ۽ کيسي مان ڪاغذ ڪڍي زيت کي ڏنو. "حاضر ڪامريڊ سياسي استاد! اجهو هي منهنجو ڪاغذ!" ڇوڪريءَ ٿوُ کان ڪاغذ وٺي ڏانڊي جي سوجهري اڳيان ڪيو. درجن ڪن مٿا جهڪيا. ٻار ڪاغذ ۾ لکيل اکرن جي هيجي ڪرڻ لڳا. زيت پڙهڻ ۾ ڳچ وقت لڳايو. ٻتي دفعا وري وري پڙهيائين. پوڙهي ميٽ پڇيو "نيڪ؟ باقاعدي موڪل اٿس نه؟" زيت ڪاغذ موٽائي ٿوءَ کي ڏنو. تنهنکان پوءِ مس مرڪي چيائين "سڀ نيڪ. تنهنجي ڪماندر جي صحيح آهي، تون فقط هڪڙي رات ترسندين." تنهنکان پوءِ چيائين "بلڪل نيڪ آهي. ڳوٺ جا ماڻهو رڳو اهو ڏسي وٺن ته هاڻ ڪيئن ٿو لڳين. اسين تنهنجي باري ۾ الاهي ساريون ڳالهيون پيا ڪندا آهيون."

ڪمرو ڳالهائڻ ۽ کل سان ڀٽي گونجيو ماڻهن ٽيڪا ٽپٽي پٺي ڪئي. "ڪاغذ تي ڪماندر جي صحيح آهي." "سڀ صحيح آهي." "فقط هڪڙي رات، ايترو ٿورو وقت"........ سڄي گوڙ گهمسان جي مٿان پوڙهي ميٽ جو آواز گونجيو "ها ها! نيڪ!"

پوڙهو ٻارن کي آهستو پاسيرو ڪري چلهه جي پاسي ۾ ٿوءَ جي پرسان اچي ويٺو. هن پنهنجي پائپ کي چلهه ۾ چنبڙيو. ٻانس جي هڪڙي تيلي ڪٺي پائپ صفا ڪيائين، پوءِ چوڏاري گهر ۾ ويٺل ماڻهن کي ڏٺئين. هنن جڻ انتظار پٺي ڪيو ته هو ڪڏهن ٿو ڳالهائي. ٻاهر هلڪي بوند پٺي پئي ۽ هلڪي هوا پٺي لڳي. پوڙهي جو آواز جهيڻو هو. "ڳوٺ جي سيني وڏن کي هن قصي جي خبر آهي. ننڍن مان ڪن کي آهي ڪن کي ناهي. ٻارن کي ڪا خبر ڪانهي" ائين چئي پوڙهي بس ڪئي ۽ ٻارن کي گهوري نهاريائين. ٻار پنهنجا وات بند ڪريو ۽ اکيون ڦاڙيو ويٺا هئا. هن پنهنجي ڳالهه وري شروع ڪئي.

"ٿوُ، توهان جو پاءُ ٿوُ، اجهو هيٺئر موٽي آيو آهي" هن ائين چئي پنهنجو مضبوط هٿ نوجوان ٿوءَ جي ڪلهي تي رکيو. پوءِ چيائين "مون گهڻا پيرا اوهان سان هن جي ڳالهه ڪئي آهي. هي آزاديءَ جي فوج ۾ شامل ٿيو آهي. هاڻ ڳوٺ گهمڻ آيو آهي. کيس هڪڙي رات جي موڪل آهي. سندس موڪل جي ڪاغذ تي ڪماندر جي صحيح آهي. پارٽيءَ

جي سيڪريٽريءَ اها صحيح ترپامي آهي. اڄهو هي آئون ٿوءِ. هو پنهنجي استرا قوم جو ماڻهو آهي. هو اڃا ٻار هو تہ سنڌس ماءُ مري ويا. پنهنجي ڳوٺ جي ماڻهن کيس نپائي وڏو ڪيو. هن جي حياتي سخت هئي. پر سنڌس دل چشمي جي پاڻيءَ وانگر صاف هئي. هو ڳوٺ گهمڻ آيو آهي انهي خوشيءَ ۾ آءٌ اڄ رات توهانکي سنڌس سچو قصو ٿو ٻڌايان. توهان استرا قوم جا ماڻهو جيڪي پنهنجن جبلن ۽ چشمن سان پيار ڪريو ٿا ۽ جن وٽ ٻڌڻ لاءِ ڪن آهن سي منهنجي ڳالهہ ٻڌو ۽ ڪوشش ڪري اها ياد رکو. جڏهن آءٌ مري وڃان، تڏهن پنهنجن پٽن ۽ پوٽن کي ٻڌائجو...."

سڀ ماٺ ۾ رهيا. ان وقت رکو ٻانس جي نلڪي مان وهندڙ پاڻيءَ جو ڏوراهون ڪڙڪو ٻڌڻ ۾ پي آيو، جنهن سان وڻن جي پنن تي مينهن جي ڦڙن جي ڪرڻ جو ڌيمو آواز مليل هو. ٿوءِ بہ ماٺ ۾ رهيو. هن پوڙهي ميٺ ڏانهن نهاريو. ٽمڪندڙ باهہ جو سوجهرو پوڙهي جي جانٺي بدن تي راند ڪري رهيو هو ۽ ٿوءِ کي پراڻن داستانن جا اُهي سورما ياد اچي ويا جن جا قصا هو ننڍپڻ ۾ راتين جون راتيون جاڳي ٻڌندو هو. هن زيت ڏانهن نهاريو. هو ايڏي ڏکهي ٿي ويئي هئي جيڏي ڏکهي لالي ان ڏينهن هئي، جنهن ڏينهن هوءَ کيس ٻيلي جي مُنهن وٽ بيٺل وڻ جي هيٺان گڏي هئي. اهو وڻ هاڻي رستي تي ڪري پيو هو ۽ گوريلن ان جي چوڌاري ڪاهين جو ڪوڙڪيون وڇائي ڇڏيون هيون. زيت سانتيڪين ڪلبل ۽ سوچيندڙ اکين سان ڳالهہ پئي ٻڌي.

پوڙهو ميٺ چوڻ لڳو "پوڙهن اها ڳالهہ ڪانہ وساري آهي. مٿن وساري ڇڏي آهي. جيئرن کي ڪپي نہ اها ياد رکن. انهن ڏينهن اميريڪا ۽ سنڌس چاڙتن جا سپاهي ٻيلي ۾ سوئرن وانگر رُومڙ ڏيندا گهمندا هئا. سندن سنگينون رت سان پريل هيون ۽ سندن ٽوپيون رت جهڙيون ڳاڙهيون هيون. ٿوءِ اڃا ننڍڙو ٻار هو. منهنجي چيلهہ تائين مس ٿي آيو هو نوريءَ جهڙو تيز هوندو هو...."

ها پوڙهن ڳالهہ ڪانہ وساري هئي. نڪا وري جوانن ئي وساري هئي. ٿوءِ پاڻ بہ ڪانہ وساري هئي. هن پنهنجي تصور ۾ هڪڙو ننڍڙو ٻار ڏٺو جو هڪڙو ننڍڙو ٽوڪرو کنيو پئي ويو. جيڪو سنڌس ماءُ ڇڏي ويئي هئي. ٽوڪري ۾ ٻاڄي پيل هئي. ٻاڄيءَ جي هيٺان بہ چلون چانورن جون پيل هيون. ننڍڙو ٻار ٻيلي مان ور وڪڙ ڪائيندو، ڦڙتائيءَ سان هڪڙي چپ کان ٻيو ٻي چپ تي پئي چڙهيو. هو انقلابي قومي ڪارڪن لاءِ ماني کنيو پئي ويو. هڪڙي ڪانئس بہ ننڍڙي ڇوڪري سنڌس پٺيان ڊوڙندي پئي ويئي. هن هڪڙي هٿ ۾ پنهنجو چولو ڇڪي مٿي جهليو هو ڇاڪاڻ جو اهو کيس وڏو هو. هوءَ پکي وانگر هڪڙي چپ کان ٽپڪڙي ڏيئي ٻي چپ تي چڙهي ٿي ۽ واڪا ڪري ٿي چيائين "ٿوءِ بيهہ، تہ آءٌ اچان" سنڌس سائيءَ لوڏو هڻي ڏانهس گهوُر ڪري ٿي نهاريو ۽ کيس دڙڪو ڏيئي چيو ته "لالي! وات بند نہ ٿي ڪرين! پاڻ ڪجهو ڪم پيا ڪريون ۽ تون ڍڳن وانگر پئي رنڀين!" لاليءَ ٺهڪ ڏئي چاهيو ٿي پر دڙڪي جي ڊپ کان ماٺ ڪري رهي.......

ها سنڌس حافظي ۾ ڳالهيون اڃا جيئريون

ميون، هر شئي، هر ماڻهو، ياد هو. تؤ، لالي، پوڙهو ميٽ، انقلابي قومي ڪارڪن .... جن تہ اها ڳالھہ اِجهو ڪالھہ ٿي گذري هئي.

انقلابي قومي ڪارڪن جو نالو ڪوييت هو. جڏهن کان امريڪي ۽ سندس چاڙتا سپاهي ملڪ جي هن پٽ تي آيا هئا تڏهن کان هو ڏينهن رات ٻيلن ۾ جهوتون پيا ڏيندا هئا. سندن نُوس نُوس ڪندڙ جاسوس ڪتن جي ڀونڪ ۽ سندن بندوقن جي ٺڪائن جا پڙاڏا پري کان ٻڌڻ ۾ پيا ايندا هئا. پر خومان ڳوٺ جي ماڻهن کي هڪڙي ڳالھہ تي ناز هو. پنجن سالن ۾ سندن ڀاسي ٻيلي ۾ هڪڙو بہ انقلابي قومي ڪارڪن دشمن هٿان نہ جهليو هو نہ شهيد ٿيو. ڀهريائين ڀهريائين انقلابي قومي ڪارڪن جي ماني نوجوان پهچائيندا هئا ۽ اهي ئي سندن ڀاران دشمن جي نظرداري ڪندا هئا. تنهن کانپوءِ امريڪين ۽ سندن چاڙتن جي جاسوسن کي پتو پئجي ويو ۽ هنن نوجوانن تي وار ڪيو. نوجوان خوت کي ڳوٺ جي منهن وٽ ڪجيءَ جي وڻ ۾ لٽڪائي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. امريڪين ۽ سندن چاڙتن ڳوٺ جي ماڻهن کي چتاءُ ڏنو، ”جيڪو بہ هنن ڪميونسٽن کي ماني کارائيندو تنهن جو اهو ئي حشر ٿيندو!“

تنهنکانپوءِ هنن جوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ٻيلي ۾ وڃڻ کان منع ڪري ڇڏي. انقلابي قومي ڪارڪن لاءِ ماني پوڙها ۽ پوڙهيون کڻي وڃڻ لڳا. امريڪين ۽ سندن چاڙتن کي وري خبر پئجي ويئي. هنن پوڙهي مائي ٿ ان کي پڪڙي ورتو ۽ سندس سسي ڪٽري هنکي وارن مان بندوق جي ناليءَ سان ٻڌي لٽڪائي ڇڏيو.

پوڙهن ۽ پوڙهين جي جاءِ ٻارن ورتي. ٻارن ۾ سڀني کان وڏيڪ سچار تؤ ۽ لالي هوندا هئا. جڏهن تؤ ٻيلي ۾ ڇوڪرين ۾ ڪم ڪندو هو، تڏهن لالي انقلابي قومي ڪارڪن ڏانهن ماني کڻي ويندي هئي. جڏهن لاليءَ کي پنهنجي ننڍڙي ڀيڻ زيت کي سنڀالڻو پوندو هو تڏهن وري تؤ ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ٻئي گڏجي ويندا هئا. ڪڏهن تہ رات بہ اتي ٽڪي پوندا هئا. انقلابي قومي ڪارڪن کي جهنگ ۾ اڪيلو ڪنهن ڇڏيو؟ جي دشمن ڀيرو کڻي اچي مٿان پوي تہ هن ڳجھہ ٻيلي ۾ هو ڀڄڻ جو گس ڪٿان لهندو؟ هڪڙي ڀيري انقلابي قومي ڪارڪن ڪوييت کانئن پڇيو ”ڇا اوهانکي امريڪين ۽ سندن چاڙتن جو ڊپ نٿو ٿئي؟ مٿان هو توهانکي بہ نوجوان خوت ۽ پوڙهي مائي ٿان وانگر قتل نہ ڪري ڇڏين؟“ تؤ ان مهل سڙي ڪوييت جي ڀرسان ڪروڙو ٿيو ليٽيو پيو هو. هو اها ڳالھہ ٻڌي ٽپ ڏيئي اٿي بيٺو ۽ مضبوط آواز ۾ چيائين ”پوڙهو ميٽ ٿو چوي تہ انقلابي قومي ڪارڪن پنهنجي قوم جو جنگي محاذ آهن. جيستائين ڀاڻ وٽ انقلابي قومي ڪارڪن آهي تيستائين پنهنجو قومي جنگي محاذ ڀاڻ وٽ آهي ۽ جيستائين اهو محاذ سلامت آهي تيستائين پنهنجا جبل ۽ پنهنجا چشما پنهنجا ئي رهندا.“ جهنگ ۾ ڪوييت تؤ ۽ لاليءَ کي الف، ب بہ سيکاريندو هو. هن بانس جون ٻتي شاخون ورتيون ۽ انهن کي ڇپي انهن کي گڏي ١٢ اَگر ويڪرو ڪيائين. انهن جي مٿان ڀهريائين ڪوئلن جي ڪارات هنيائين پوءِ ڪوئلر

جو هٿ هنيائين. پوءِ ٽوُ ٻي ڏينهن پنڌ ڪري نگولن جبل تان اچن پٿرن جو ٽوڪرو ڀري آيو. انهن پٿرن مان چاڪ جو ڪم ورتائون. لاليءَ ٽوءَ کان پڙهائي ۾ سٺي هئي. هو ٽن مهينن ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ سکي ويئي. ڇهن مهينن کانپوءِ ڏهاڪن تائين ونڊ، ضرب، ڪٽ ۽ جوڙ سکي ويئي. ٽوُ ڪجهه موڳو هو. پيو ته وري جهٽ ڇڙي پوندو هو. هڪڙي ڏينهن لاليءَ کانئس امتحان ۾ زور ٽي ويئي. تنهن تان ڪاوڙجي ٽوُ پنهنجي بانس جي سليٽ ڀڃي چشمي ڏانهن هليو ويو. سڄو ڏينهن ڀريو ڦوڪيو چشمي جي ڪناري تي ويٺو هو. هن ڪويت سان ڳالهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ لاليءَ کي چيائين ته، "مون سان ڪچنديئين نه اڦٽ ماريندو سئين!" پوءِ لالي وڃي سندس پاسي ۾ ويٺي ۽ نرميءَ سان کيس چيائين "تون جيترو وقت اتي ويٺو هوندين اوترو وقت اِتي ويٺي هوندس. ٽوءَ! هل ته موٽي هلون. مون ٽولاءِ نئين سليٽ ٺاهي آهي." پوءِ ٽوءَ سٽ ڏيئي هڪڙو پٿر ڪڍي پنهنجي نراڙ ۾ هنيو. نراڙ مان رت نيبنديون ڪري وهڻ لڳو. ڪويت کي سندس ملم پٽي ڪرڻي پيئي.

ان رات ڪويت ٽوءَ جي پاسي ۾ ليٽي پڙ پڙ ڪري ٽوءَ جي ڪن ۾ چيو، "جي دشمنن مونکي ماري ڇڏيو ته پوءِ توکي منهنجي جاءِ ڀرڻي پوندي. پر جي توکي لکڻ پڙهڻ نه ايندو تہ تون انقلابي قومي ڪارڪن جو ڪم ڪري ڪونه سگهندين."

ٽوءَ ائين ڀانئو ڪيو ڄڻ اگهور ننڊ ۾ ستو پيو هو. پر سندس اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيون. جڏهن صبح ٿيو تڏهن هن لاليءَ کي سڏ ڪري ان اوت ۾ وهاريو جتي هو لڪي ويٺا هوندا هئا. چيائين "لالي! ٻڌاءِ اهو اکر ڪهڙو آهي جيڪو گول ڳرل آهي ۽ ڪنڊو بہ اٿس ۽ پيو جيڪو انجي پاسي ۾ اکر آهي جنهنجو وڏو پيٽ آهي." لاليءَ ڏاڍي ڪوشش ڪري پنهنجي کل روڪي، پڪو ڪري چيائينس "ٽوُ! تنهنجي يادگيري ڏاڍي تيز آهي. ٿلهي پيٽ واري اکر جو نالو آهي B.."

ٽوءَ چيو "اڙي ها. مونکي تہ وسري ويو"

اکرن ياد ڪرڻ ۾ ٽوُ افلاطون ڪونہ هو. پر ٻيلي جي واٽن جي ڄاڻ ۾ سندس ڪو مٽ ڪونہ هو. هو ڪويت جو سڄي ضلعي سان لاڳاپو رکندڙ عيوضي هو. هو عام ٻيڄرن تان ڪڏهن ڪونہ هلندو هو. جڏهن دشمن سمورا گس بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو تڏهن هو وڻ جي چوٽيءَ تي چڙهي آس پاس جو سماءُ وٺندو هو ۽ پوءِ ٻيلي مان اهڙي هوشياريءَ سان لنگهي ويندو هو جو ڪٿي بہ ڪونہ پلبو هو. جڏهن بہ کيس ڪا نئي يا ندي پار ڪرڻي هوندي هئي تڏهن هو اهڙو هنڌ جانچي ڪڍندو هو. جتي وهڪرو تيز ۽ ڇتو هجي. پوءِ اتان مڇيءَ وانگر تري ٻي پاسي ويندو هو. هو چوندو هو "امريڪي ۽ سندن ڇڙتا ڳهٽ اتي جهليندا جتي پاڻي ماٺو هوندو. جتي پاڻي تيز ۽ خوفناڪ هوندو اتي ڪونہ ايندا."

پر هڪڙي ڀيري جڏهن هو ڪويت جو وڻ جي ٻن ۾ ويڙهيل خط پنهنجي وات ۾ وجهي درياهہ اُپي پراڙ ٽي ويو تہ مٿس رائفلون آيون ٿي ويون. کيس خط ڳڙڪائڻ جو وقت بہ مس مليو ٽن ڏينهن کان پوءِ خومان جي ڳوٺ وارن ڏٺو تہ ٽوُ موٽي آيو. سندس هٿ

پٺيان ٻڌل هئا. هو دشمن جي سپاهين جي پهري هيٺ هو. هنن دڙڪو ڏيئي چيس ”اسان کي ٻڌائي ته ڳوٺ جي ماڻهن ۾ ڪهڙا ڪميونسٽ آهن نه ته مري ويندين!“ چوڌاري ڳوٺ جا ماڻهو بيٺا هئا. پوڙهو ميٽ ٿو جي پاسي ۾ بيٺو هو. پوڙهي کيس پنهنجي استرا قبيلي جي ٻوليءَ ۾ چيو، ”خوبان قوم جي ماڻهن کي متان اڇائين!“ ٿوءَ رڳو ڏانهس هڪ نظر اڇلي ۽ پوڙهي چيو ”ٺيڪ!“

ٿوءَ جا پٺا سڄا چاقن جي ودن سان چيريا پيا هئا. سپاهين رڙ ڪري چيو ”اسان کي ڪميونسٽ ڏيکار!“ ٿوءَ چيو ”منهنجا هٿ کوليو ته ڏيکاريانو، هونئن ڪيئن ڏيکاري سگهندس؟“ هنن سندس هٿ کوليا. هن پنهنجي ڇاتيءَ تي هٿ رکي چيو ”هڪڙو ڪميونسٽ هي آهي!“ هڪڙي ٻي ڇهڪ سندس پٺن کي چيريو. سندس پٺا ماڙس جي چڙيل ٽوڪري جيترا ويڪرا ٿيا هئا. ڇهڪ مان رت وهي اتي هليو جو ڪجهه وقت کان پوءِ ڦري ڪارو ڳاڙهو ٿي پيو. ڄڻ خانوءَ جي وڻ جو رس هو.

جنهن مهل سپاهي کيس وٺي ويا ٿي تنهن مهل لاليءَ کئي کيس پاڪر پاتا ۽ اکين مان ڳوڙها وهي اتي هليس. ٿوءَ ڄڻ ته ڪاوڙ ۾ کيس چيو ”رو نه. نه رو! مڙس ماڻهو ٿي پڙه! جڏهن آءٌ مري وڃان تڏهن تون منهنجي جاءِ تي انقلابي قومي ڪارڪن ٿج...“

٣ سال پوءِ ٿو ڪونتم شهر جي جيل کي ٽوڙي خوبان جي ڳوٺ موٽي آيو. سندس پٺن جا ڦٽ ڇٽي ويا هئا. هو لاليءَ کي ٻهاي جي مُهڙ وٽ وڏي وڻ هيٺان گڏيو. جڏهن لاليءَ سندس هٿن مان جهليو تڏهن لاليءَ جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا، ٿوءَ کي لاليءَ کي ڏسي پاڻ عجب ٿيو. هرءَ ڪيڏي نه ٻڍي ٿي ويئي هئي! هوءَ کيس ڳوٺ وٺي ويئي ۽ ڳوٺ جا ماڻهو اڇوڪي رات وانگر پوڙهي ميٽ جي گهر گڏ ٿيا. ها بلڪل اڇوڪي رات وانگر.

پوڙهي ميٽ جو آواز گونجندو رهيو ڄڻ ته اهو گهڻو گهڻو اڳ جي زماني واري انهيءَ رات جو پڙاڏو هو. هن چيو ”ٻنهه هن رات وانگر. ساڳئي گهر ۾. ساڳيءَ چلهه جي چوڌاري ڦڙ ڦڙ پئي پئي. آءٌ هتي ويٺو هوس. ٿو هتي ويٺو هو ۽ لالي اتي ويٺي هئي جتي هينئر زيت ويٺي آهي .... ٿو اڱين برابر آهي نه؟“

ها اڱين برابر هو. اڄ رات جهڙي ئي ساڳي رات هئي. ڪجيءَ جي ٻنن تي مينهن جي بوندن ان رات وانگر ئي ٽڪ ٽڪ پئي ڪئي. چلهه ۾ اڄ وانگر خانوءَ جي وڻ جون ڏاڙيون پئي ٻريون. بانس جي نلڪي جي منهن مان اهڙو ساڳيو پاڻي نڪرڻ جو آواز پئي نڪتو. ماڻهو ٿوءَ کي ڪاميابيءَ سان جيل مان ڀڄي نڪرڻ تي کيرون مبارڪون ڏيڻ لاءِ ٻڍي ميٽ جي گهر ۾ اچي گڏ ٿيا هئا. جيئن اڄ زيت سندس اکيان ويٺي هئي تيئن ان رات لالي اکيان ويٺي هيس. لاليءَ جا پرون زيت وانگر ڪارا هئا، اهڙا ته ڪارا هئا جو سندس ڇمڪندڙ اکين تي پاڇولا پئي وڌائون. البت سندس اکيون شايد زيت جي اکين کان گهٽ گنڀير ۽ وڏيڪ قربائتيون هيون. پر منجهن زيت جي اکين جهڙي ساڳي سانتيڪائي ۽ محڪم ارادو هو. پيو نه پوڙهي ميٽ ان ڏينهن اڱين ڪونه

ٽي ڳالهايو جيئن اڄ ٻئي ڳالهايائين. هن فقط ايترو چيو هو ”لالي، ڪُويت جيڪو ڪاغذ ڇڏي ويو آهي سو تہ ڏي! ٽُو تون اهو پڙهہ!“ ٽُوَ جي گرفتاريءَ کان ترت پوءِ ڪُويت ٻئي ضلعي ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ هليو ويو هو. پر جلد ئي هو دشمن جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي ويو ۽ جهنگ ۾ گذاري ويو. دم ڏيڻ کان اڳ ۾ هن خوَمان ماڻهن ڏانهن هڪڙو پيغام لکي ڇڏيو. ٽوُ ڪاغذ ٻاهر جي اڳيان جهليو ۽ زور سان پڙهڻ لڳو. خط ۾ لکيل هو:

”پيارا ٽوءَ، لالي ۽ خومان قوم وارا! آءٌ مرڻ وارو آهيان. توهين جيڪي جيترا آهيو تن کي کپي تہ پنهنجا نيزا، ڇُرا ۽ تير ڪمان تيار رکو. انهن کي جهنگ ۾ لڪائي رکو جيئن دشمن ڏسي نہ سگهي. اهو ڏينهن اچڻو آهي جڏهن توهان کي انهن مان ڪم وٺڻو پوندو. باقي ٽوُ! توکي کپي تہ محنت ڪري پڙهہ ۽ منهنجي جاءِ تي انقلابي قومي ڪارڪن ٿج.......“

هـا سڀ اتي موجود هئا. پوڙهو ٽانگ، ادا پيريو، ادي بلوم، پوڙهي مائي پروئي ڏاڏي لينگ. هڪڙي ڳالهہ البت ٻي هئي. ان رات لالي موجود هئي، جڏهن ٽوُ ڪويت جو پيغام پڙهي پورو ڪيو تڏهن سڄو ڳوٺ آماڙيون ٻاري پوڙهي ميٽ جي پٺ وٺي ٻيلي ۾ ويو هو ۽ اتي لڪايل هٿيار ڪڍي آيو هو. ٽوُ ٽي ڏينهن پنڌ ڪري نگولن جبل تي ويو هو پر هو اڳي وانگر چاڪ ڪڻ ڪونہ ويو هو. هو اوزار سيرڻ جي پٿرن جو ٽوڪرو ڀرڻ ويو هو. نگولن جبل تي اوزار سرڻ جا پٿر ايترا تہ هئا جو هڪڙي بغاوت تہ ٺهيو سوَ بغاوتن جي لاءِ گهربل رک بہ انهن تہ سري سگهجي ها.

خومان جـا ماڻهو هر رات پنهنجا هٿيار سري تکا ڪندا هئا. ڏينهن جو هـو پوڙهي ميٽ جي هدايت موجب ٻيلي ۾ جهنگ وڍي اتي فصل پوکيندا هئا. تان جو ٻيلي جو هڪڙو سڄو حصو ساوون ٻنيون ٿي ويو.

پوءِ دشمن جي ڊڪها نالي فوجي چوڪيءَ تي خبرون پهتيون تہ ’خوُمان جا ماڻهو پنهنجا نيزا ۽ ڇُرا پيا تکا ڪن!‘ جڏهن لابارا ٻئي پيا تڏهن دشمن جو هڪڙو سڄو فوجي دستو اچي سهڙيو. ان کان ٿورو اڳ لاليءَ ۽ ٽوءَ جو ڀيريون پٽ چاڙو هو. انهيءَ دستي جو ڪمانڊر ڏوُڪ جنهنکي رت جهڙي ڳاڙهي ٽوپي پيل هئي تنهن رنڀ ڪري چيو، ”اهو وري بہ ٽوُ جـو ڪم آهي. ٻيو ڪنهنجو بہ ڪونهي. جيسين انهيءَ چيتي کي نـہ ماريو اٿئون تيسين روز ڪانہ ڪـا مصيبت ڪڙي ڪريو بيٺو هوندو!“

پوڙهو ميٽ ۽ ٽوُ ڳوٺ جي جوانن کي وٺي جهنگ ۾ هليا ويا هئا. هو ڳوٺ جي پرسان ڇپن ۽ وڻن پٺيان لڪي رهيا هئا ۽ اتان دشمن جي فوجين جي اچ وڃ پئي ڏٺائون. دشمن چار ڏينهن چار راتيون ڳوٺ ۾ رهيو. سندن ڇهبڪن کان ڪوبہ ڪونہ بچيو. ڳوٺ دانهن ۽ اوچنگارن سان ڀرجي ويو. ڏوڪ پنهنجي بندوق لوڏي واڪو ڪري چيو. ”جيڪو بہ ڳوٺ مان ڀڄندي پڪڙيو تنهن کي اُتي شوٽ ڪري ڇڏينداسين!“. ڪوبہ ڀڄي نہ سگهيو. فقط ننڍڙي زيت ڦڙتائي ڪري بانس جي نلڪي تان ’سري جهنگ ۾ سج لٿي مهل پوڙهي ميٽ کي ڪجهہ پتہ وچي ڏيندي هئي. چوٿين ڏينهن فجر جو هوءَ ٻيلي مان موٽندي پڪڙجي پيئي. بدمعاشن کيس اڳڻ جي وچ

۾ ويهاري مٿس ڏامي ڳن سان لڳاتار گوليون هلايون، پر اهڙي نموني جو اهي ڪانئس ڏورو ڳسي وڃن. گوليون سوساٽ ڪري سندس ڪنن وٽان لنگهيون، سندس مٿي جي وارن کي لهسايائون ۽ سندس پٽڪڙن پيرن جي هيٺان زمين کي چيري ويون. جڏهن گولي بازي شروع ٿي تڏهن زيت اچي روڏڻ ۾ چٽڪي. پر ڏهين يا ٻارهين گوليءَ کان پوءِ هن پنهنجا ڳوڙها اکين چپ ڀڪوڙي ڇڏيا. هوءَ سپاهين جي گهيري جي وچ ۾ بيٺي هئي. جنهن وقت گوليءَ جو ٺڪاءُ ٿي ٿيو تنهن وقت سندس نازڪ بدن لچڪيو ٿي ويو. پر هن پنهنجي ايذاءُ ڏيندڙن کي اهڙين ساڻيڪين اکين سان ٿي ڏٺو، جهڙيون ساڻيڪيون اکيون هيمئر ڏوُ جي اڳيان ويٺل پارٽي سيڪريٽريائي زيت جون هيون. جڏهن دشمن جو ڪمانڊر ڏوُڪ پارٽيءَ کان ذرڙي جيتري به خبر چار وٺي نه سگهيو تڏهن هن لاليءَ کي گرفتار ڪرايو. هن رنڀ ڪري چيو "جيڪڏهن ڇيتو ۽ سندس ٻچي کي هٿ ڪندا سين ته ڇيتو جلدي هٿ چڙهي ويندو!" ڏوءَ اهي اکر ٻڌا. ڏوُ ڳوٺ جي مُنهڙ وٽ وڏي چشمي جي پرسان وڻ پٺيان لڪو ويٺو هو. اتان هو ڳوٺائي اوطاق جي اڳڻ ۾ جيڪي وهيو واپريو ٿي سو چٽيءَ طرح ڏسي سگهيو ٿي. جڏهن هن ڏٺو ته دشمن جا ڏهه سپاهي لاليءَ کي گهلي اڳڻ ۾ آيا آهن، تڏهن سندس هٿ سختيءَ سان وڻ جي ٿڙ ۾ کپي ويا. لاليءَ جي پٺن تي سندس مهيني جو چاول ٻار هو جنهن لاءِ سڄي ڳوٺ ٿي چيو ته هوبهو پڻس جهڙو آهي. ڏوُ شهر مان ڪپڙو وٺي نه ٿي سگهيو تنهن ڪري هن پنهنجي چادر جو اڌ ڦاڙي لاليءَ کي ٻار جي ويڙهڻ لاءِ ڏنو هو. ٻار ان چادر ۾ ويڙهيو الوٽ ننڊ ۾ ماڻس جي پٺن تي ٻچيرڻ ۾ سُتو پيو هو. ذوڪ پڇيو.

"گندي ڪميونسٽ! مڙسهين ڪٿي آهي؟ لاليءَ جو ٻار ننڊ ۾ هڪڙي پاسي ڍرڪي پيو هو. هن ٻچيرڻ کي ڇڪي ان کي سڌو ڪيو. پوءِ پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪٽي ذوڪ کي گهوري نهاريائين. ذوڪ رنڀ ڪري چيو "ڪتي! وات کي مُهر لڳي ويئي اٿئي ڇا؟" پوءِ سپاهين ڏانهن منهن ڪري رڙ ڪري چيائين "ڏسو ڇا ويٺا؟" هڪڙو ڏڏوت جهڙو بدمعاش هٿن ۾ لوهه جي ڇڙ کڻي وڏي لاليءَ ڏي آيو. بدمعاش پنهنجي چپ ڪڍي ان سان ڇپن کي آلو ڪيو. تنهن کانپوءِ آهستي، شيخ الاريائين لاليءَ ڪرڪو ڪري پنهنجو ٻار پٺن تان لاهي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو. انهيءَ وچ ۾ لوهه جي شيخ سندس پٺن تي سٽڪو ڪيو. "ٻڏاءِ! ڏوُ ڪٿي آهي؟" پيو ڌڪ سندس ڇاتيءَ تي لڳو پر ان کان اڳ هن ٻار کي سٽ ڏيئي پٺن پاسي ڪيو. سپاهيءَ وري به شيخ الاري ۽ لاليءَ وري ٻار کي ڌڪ کان پري ڪيو. پر سپاهي پنهنجي ڌڪن جي رفتار تيز ڪري ڇڏي. لاليءَ جون رڙيون بند ٿي ويون. پوءِ ٻار هڪڙي ڪيڪ ڪئي ۽ چوطرف ماٺ ٿي ويئي. سواءِ ڌڪن جي شپڪي جي ٻيو ڪجهه ٻڌڻ ۾ ڪين ٿي آيو.

ڏوءَ جا هٿ وڻ جي ٿڙ مان نڪري ويا. هو چال ڏيئي اٿي بيٺو. پر هڪڙي هٿ سندس ڪلهي کي پڪڙي ورتو. هن ٻڌي ميٺ جو آواز ٻڌو. ميٺ چيو پئي "نه! ڏوُ! تون نه! ڇڏ ته آئون...." ڏوُ پوڙهي کي ڌڪو ڏيئي پري ڪيو. ٻڌي ميٺ وري چيو "ڏوَ!"

ٿوءِ لوٽو هڻيو ۽ ٻيو سندس ڇهري کي بچائي نه سگهيو. ٿڦو جو اکيون ٻه ٻرندڙ ڪوئلا ٿي پيون هيون. پوڙهي ميٽ نوجوان جي ڪلهن کي ڪٽي ڇڏيو. هڪڙي زبردست گجگوڙ ٿي. ٿڦو اگهڻ جي وچ ۾ ڏوڪي پيو هڙ ڏڏوٽ جيڏي بدمعاش وچڙ پٽ پر ڦهڪو ڪيو ۽ ڏوڪ ڳوٺ جي اوطاق ڏانهن وٺي ڀڳو. بندوق جي ٻولڻ جي ڪٽ ڪٽ ٿي. پوءِ لالي پنهنجي ٻار کي جهلي رڙهي اچي ٿڦو جي ٻانهن ۾ پئي ۽ هن کين پنهنجي زبردست ٻاکر ۾ پڪوڙي ڇڏيو. ٿڦو واڪو ڪري چيو ”آدم خورو! آءٌ موجود آهيان! ٿڦو موجود آهي!“ پر ٿڦو لاليءَ ۽ سندس ٻار کي بچائي نه سگهيو.

پوڙهي ميٽ پنهنجي گونجندڙ آواز ۾ پئي چيو ”نه! ٿڦو نڪو لاليءَ کي بچائي سگهيو نڪو سندس ٻار کي.“ پوڙهي ڦڪو ٿي هڪڙو لڙڪ اگهي ڇڏيو. تنهن کان پوءِ هن پنهنجي وڏي آواز ۾ چيو ”ٿڦو نڪي پنهنجي زال کي بچائي سگهيو نڪي ٻار کي. لالي ان رات گذاري ويئي. ٻار ته ٽڏي تي ئي مري ويو. جنهن مهل ماڻس ڪري ۽ کيس بچائي نه سگهي تنهن وقت لوهه جي شيخ وچي ٻارڙي جي پيٽ تي لڳي. باقي توکي، ٿڦو! هن قيد ڪيو. تو وٽ خالي هٿن ڪانسواءِ ڪجهه ڪونه هو. توکي ٻڌي ڇڏيئون. آءٌ وڻ جي پنيان بيٺو هوس. مون ڏٺو پئي ته توکي نوڙيءَ سان پئي ٻڌائون. آءٌ توکي بچائڻ لاءِ ڊوڙي ڪونه آيس. منهنجا هٿ ٻه سگها هئا. آءٌ ڳوٺ جي پين جوانن کي وٺڻ لاءِ جهنگ ۾ ويس. هو جهنگ مان پنهنجا نيزا ۽ ڇرا کڻي ويا هئا. منهنجا ٻچا! ڏيان سان ٻڌو ۽ ياد رکو! جڏهن آءٌ مران تڏهن توهان مان جيڪي جيئرا هجن سي پنهنجي ٻارن کي ٻڌائين ته ’جڏهن دشمن بندوقون کڻي اچن تڏهن اوهين پنهنجا نيزا ۽ ڀالا ضرور کڻي اچجو.‘ سپاهين ٿوءَ کي نوڙين سان ٻڌي ڳوٺ جي اوطاق جي ڪنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو. پوءِ هن ادا بروهيءَ کان جيڪو ڏکو ڪسيو هو. ان جي گوشت کائڻ لاءِ هليا ويا.“

”رات پئجي ويئي. ٿوءَ کي اهو ڏسي ڏاڍو عجب ٿيو ته آءٌ ايڏو سانتيڪو آهيان. هن سوچيو ٻارڙو مري ويو. شايد لالي به مري ويئي. آءٌ مرڻ وارو آهيان. هاڻي انقلابي قومي ڪارڪن ڪير ٿيندو؟ جڏهن انقلابي جنگي محاذ تان بغاوت جو حڪم ايندو تڏهن خومان قبيلي ۾ بغاوت جي اڳواڻي ڪير ڪندو؟ پوڙهو ميٽ اڳيئي وڏو ٿي ويو آهي. پرواهه ناهي! نوجوان اڃان به پيا آهن. زيت وڏي ٿيندي. هوءَ پيءُ کان به وڌيڪ محڪم ارادي واري آهي. افسوس رڳو اهو آهي ته جڏهن خومان قوم جا ماڻهو هٿيار کڻي اٿي کڙا ٿيندا تڏهن اهو ڏينهن ڏسڻ لاءِ آءٌ جيئرو ڪونه هوندس ... .“

ذوڪ ٿڦو کي بروقت ماري ڪونه ڇڏيو. هن راڄ جي اوطاق جي وچ ۾ وڏي باهه ٻاري ۽ ڳوٺ جي سڀني ماڻهن کي باهه جي چوڌاري گڏ ڪيائين. تنهن کان پوءِ هن ٿوءَ کي کوليو ۽ ڳوٺ وارن ڏانهن منهن ڪري چيائين ”مون ٻڌو آهي توهان حرامزادن پنهنجا ڇرا ۽ ڀالا تکا ڪرڻ شروع ڪيا هئا. چڱو جيڪي ڇرا ۽ ڀالا کڻي چاهيو ٿا سي ٿڦو جي هٿن ڏانهن ڏسن!“ هن سندس سپاهين ۾

جيڪو سينيءَ کان جاڻو هو، تنهن کي اشارو ڪيو. هنن سڀ ڪم تيار ڪري ڇڏيو هو. سپاهيءَ ڪارتوس وارين پيٽين مان ڪجهه آڱريون ڪڍيون. آڱريون ڪونئر ۾ ٻڌل هيون سپاهيءَ تـوءَ جـون آڱريـن انهن آڱرين ۾ ويڙهيون ۽ هڪڙي آماڙي ڪنيائين. پر ذوڪ چيو ”اهو ڪم آءٌ ڪندس!“ ۽ اماڙي سٽ ڏيئي پنهنجي هٿ ۾ ورتائين. تؤ جـي چپن مان هڪڙي به رڙ ڪانه نڪتي. هـن گهور ڪري ذوڪ ۾ نهاريو. ذوڪ هڪڙو شيطاني ٽهڪ ڏنو ۽ پرندڙ آماڙي ڪڍي توءَ جي منهن وٽ جهليائين ۽ چيائين ”ان ڪميونسٽ جو چڱي طرح منهن ڏسو جيڪو هٿيار ڪڍڻ گهري ٿـو! ٻڌو بدمعاشو! هٿيار ڪڍڻ توهان جي وس ۾ ناهي! اهو خام خيال دماغ مان ڪڍي ڇڏيو!“

توءَ جي هڪڙي آڱر ٻاري ويئي. تنهن کان پوءِ ٻي. تنهن کان پوءِ ٽي.... خانوءَ جي رڻ جو ڪونئر ڏاڍو پرڻو آهي. توءَ جو آڱريون هاڻي ڏهه نڀڙون پرندڙ ڏيئيون ٿي ويون. تـوءَ پنهنجون اکيون پوريون تنهن کان پوءِ وري کوليائين. پنهنجي اڳيان گهوري ڏٺائين. خدا جي پناهه! ائين ٿي لڳو ڄڻ باهه رکيو سندس آڱرين کي ڪونه ٿي ڳڙڪايو پر سندس ڦڦڙن ۽ آنڊن کي به ڪائينڊي پئي وئي. سندس وات ۾ رت جو ڪارو ذائقو هو، هن پنهنجي چپن کي ڏاڍو زور سان ڪرٽيو هو. پر هن هڪڙي به رڙ ڪانه ڪئي. انقلابي قومي ڪارڪن ڪوئيٽ چيو هو ته 'انقلابي ڪڏهن به رحم جي ڀڪيا ڪونه گهرندا آهن

تؤ پاڻ کي چيو 'آءُ ڪڏهن به رحم جي ڀيک ڪانه گهرندس!' شعلا ڄڻ ته سندس آنڊن کي چڪ پائي رهيا هئا. توءَ اندر ۾ دانهن ڪري چيو 'ادا ڪوئيٽ!' پوءِ دل ۾ چيائين 'ڇا آءُ رڙ ڪرڻ وارو آهيان؟' "پوءِ پاڻهي پاڻ کي جواب ڏنائين "اڙي نه! ڪڏهن به نه!"

ذوڪ جا شيطاني ٽهڪ وڃڻ لڳا پوڙها ۽ پوڙهيون ٽپ ڏيئي اٿي کڙا ٿيا. پر سپاهين کين ڌڪي پري ڪيو. اوچتو واڪا ٿيا ۽ پيرن جي ڌڀ ڌڀ ٿي! ڇا پيو ٿيو؟

توءَ هڪڙي تيز رڙ ڪئي، فقط هڪڙي "ماريو!" پر ان رڙ جا يڪدم ڪيترائي پڙاڏا ٿيا. "ماريو!".

پيا واڪا ٿيا ۽ پيرن جي ڌڀ ڌڀ سان راڄ جي اوطاق جي زمين ڌهلجڻ لڳي. چاڙين سپاهين رانڀاڙ ڪيا. پوءِ پڌي ميٽ جو گونججندڙ آواز آيو "سيني کي پورو ڪريو! پوڙهو ميٽ اڃا پهتو سندس هٿ ۾ هڪڙو ٻگهو ڇُرو هو ۽ ذوڪ سندس پيرن ۾ پيو هو. سندس چوڌاري ڳوٺ جا نوجوان بيٺا هئا. جن مان هر ڪنهن وٽ هڪڙو ڇُرو هو.

انھن ڇرن جا نشان چٽا پيا هئا. اهي ان پٿر تي سِريا ويا هئا جيڪي ٿو نگولن جبل تان ڪٽي آيو هو. ۽ تنھن کان پوءِ ٿو ادا پريو جو سانتيڪو آواز ٻڌو، "ٿو! ٿو! هوش ۾ آيو آهين؟ ڏس! اسان سيني کي ماري ڇڏيو آهي! ڏهن ٽي کي پنھنجن نيزن ۽ ڇرن سان ختم ڪري ڇڏيو اٿئون!" ٿوءَ جي آگرين جي ٻاهه کي وسايو ويو. گھر جي وچ ۾ جيڪا وڏي ٻاهه پئي ٻري سا اڃان ٻري پئي. دشمن جي چاڙتن سپاهين جا لاش ان جي چوڌاري پيا هئا. پوڙهو ميٽ گھر جي وچ ۾ ويٺو هو. سندس پالي جو چيڙو زمين تي ٽڪيل هو. سندس آواز وري گونجڻ لڳو. "هاڻ ڪم شروع ٿي ويو آهي. اڃو نه وڏيون ٻاهيون ٻاريون. هر ننڍو وڏو مرد زال پالو نيزو يا ڇرو هٿ ڪري! جنھن کي اهي هٿ نه اچن سو بانس جون ڇھنبياريون ڪٽيون ٿاهي، هرڪو پنج پنج سو ڪٽيون ٿاهي! ٻاهيون ٻاريو." سنڪ وڄڻ لڳا. ان رات جيڪڏهن ڪو ماڻهو وڏي چشمي جي پرسان خانوءَ جي ٻيلي سان ڏڪيل ٽڪريءَ تي چڙهي نهار ڪري ها ته ڪيس ٻيلي جي خومان قوم جي علائقي پاسي وڏو ٽرٽلو ڏسڻ ۾ اچي ها. چوطرف وڏا مچ ٻري ويا هئا........

گھڻي رات پنجي ويئي هئي. پر ڪنھن کي به ان جو پتو ڪونه پيو. مينھن زور ٿي ويو هو. پوڙهي ميٽ پنھنجو ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ چوطرف نھاريو سندس چپلھه ڏائين ٻ گھي ڏاڙهي پئي ڦڙڪي. هن نيٺ چيو "مون توهان کي سچو قصو ٻڌايو آهي. خومان جا ماڻهو ان رات هٿيار کڻي اٿي کڙا ٿيا. ٿوءَ جون آگريون جلد ڇٽي ويون ۽ هو روانو ٿي ويو. سندس هر ڪنھن آگر ۾ ٻه ڏوڏا وڃي رهيا هئا. پر هو اڃا پالو کڻي سگھيو ٿي ۽ رائفل ڇوڙي سگھيو ٿي. اسان ٻڌو هو ته نگولن جبل جي ٻي پاسي ڪو ٻيو دشمن جو چاڙ و ۽ غدار اچي سھڙيو هو. ڪو ٻيو ذوڪ پيدا ٿيو هو ۽ اتي جا ماڻھو ٻه هٿيار کڻي اٿي کڙا ٿيا هئا. سو اسان ٿو کي موڪليو ته وڃي انقلاب جي ڳولا ڪري، ان ڏينھن کان وٺي هو ٻاهر رهيو آهي....

ننڍڙا شيطان! ايڏي دير ڇو ڪيئي؟ ڳوٺ جون سڀ ڇوڪريون تو لاءِ پيون سڪنديون هيون! چڱو هاڻ مون پنھنجي ڳالھه پوري ڪئي. هاڻي تنھنجو وارو آهي. ٻڌاءِ ته هي ٽي سال تو ڇا پئي ڪيو؟ اسانکي لڄائڻ جو ڪو ڪم ته ڪونه ڪيو اٿئي؟ ڇا ڪيو اٿئي؟ ڪيترا امريڪي ۽ ڪيترا سندن چاڙتا ماريا اٿئي؟"

ٿو اٿي ويٺو. هو وڏي ٻاهه ڏانھن آيو. هو ڇا چوي؟ پنھنجي ماڻھن لاءِ پيار سندس دل ۾ چلڪڻ لڳو. آخر هن چيو "پوڙها ميٽ! ڳوٺ جا ماڻھو! آءٌ، ها. آءٌ هن ٻي ذوڪ سان مليس...." "ڪٿي؟" "سندس چوڪيءَ تي" "ماريئيس؟" "ها!" "شوٽ ڪيئس؟" "نه!" "ڇو؟" ٿو پنھنجي ڪلھي تان رائفل کولي ۽ ان کي پٽ تي رکي پوءِ چيائين "هيئن ٿيو نه! اسان سندس چوڪيءَ تي حملو ڪيو ۽ سندن سيني چاڙتن سپاهين کي ماري ڇڏيوسين. "سيني کي؟" "سيني کي. سندن ڪمانڊر هڪڙي زير زمين آجهي ۾ وڃي پناهه ورتي. اسان چيس پيش پئو! پر هن انڪار ڪيو.

اسان دستي بم اڇلايا. ۽ پناهه گاهه ۾ اهڙيون ڇڙون هيون جن جي ڪري دستي بم جا ٽڪرا ڪيس لڳي ڪونه سگهيا. اسان جي ڪمانڊر پڇيو 'هن جي پنيان ڪير ويندو؟' مون چيو 'آءٌ ويندس.' سو آءٌ هيٺ ويس. ٻاٽ اونداهي هئي. مون وچي جهليس. هن فائر ڪيو. مون بندوق کسي ورتيس. هو مون سان ٻکين پئجي ويو. آءٌ ڪانئس ڏاڍو هوس. مون گوڏو ڪٺي ڇاتي تي رکيس ۽ پنهنجي ٽارچ ٻاريم. مون پڇيس 'ذوڪ، مونکي سڃاتئي؟' هن پنهنجو ڪنڌ ڌوڻي انڪار ڪيو. مون چيس 'چڱو منهنجا هٿ ڏس! اهي هٿ اڃا بندوق هلائي سگهن ٿا.' هو دهشت ۾ پنهنجون اکيون ڦيرائڻ لڳو. مون چيس 'ڏس ڳالهه ٻڌ. مون وٽ رائفل آهي. مون وٽ ڇرو به آهي. پر آءٌ توکي نڪو شوٽ ڪندس نه ڪو ڇرو هڻندس! ٻڌ ذوڪ! آءٌ توکي پنهنجن لوڻن هٿن سان گهٽو ڏيئي ماريندس.' زيت سانتيڪي آواز ۾ پڇيو "پوءِ تو ماريس؟" "ها" "پر هو ذوڪ هو سهي؟" "ها، بلڪل! اهي ڇاڙتا ۽ غدار سڀ ذوڪ آهن"

پوڙهو ميٺ اٿي بيٺو. هن پنهنجو ڳرو هٿ ٽوءَ جي ڪلهي تي رکيو ۽ گنڀير ٺهڪ ڏيئي ڇيائين "ٺيڪ" سندس آواز پڙاڏا ڪرڻ لڳو. سڄو گهر ٺهڪن سان پرجي ويو.

ان مهل، وڏي چشمي جي پرسان خانوءَ جي پيلي سان ڍڪيل ٽڪريءَ تي گولا ڪرڻ شروع ٿيا. پر ڪنهن به انهن ڏانهن ڌيان ڪونه ڏنو گولن جا دٻيل ٺڪاءَ ماڻهن جي آوازن ۾ ٻڏي ويا. صبح جو ٽوُ روانو ٿي ويو. پوڙهو ميٺ ۽ زيت سائس گڏجي هليا. هو وڏي چشمي جي پرسان خانوءَ جي وڻن جي پيلي وٽ پهتا. راتوڪيءَ گولي بازيءَ ڪيترا وڻ وڍي ڪيرائي ڇڏيا هئا. سندن گهاوَن مان جيڪو رس ڦٽي نڪتو هو سو اونهاري جي سج جي ترورن ۾ پئي چمڪيو. چوطرف بي انداز ٻوٽا اپري پيا هئا سندن گونچ سنگين جي پچڙيءَ وانگر آيا ٿي نڪري آيا هئا. هو گهڻي دير اتي بيٺا پري پري تائين ڏسندا رهيا. جيستائين نظر ويئي ٿي تيستائين خانوءَ جي وڻن جا پيلا هڪ ٻئي جي پويان پئي ويا.

(١٩٦٤ ۾ لکيل)

"ٻرڪ انقلابي اڳواڻ" ڪتاب سلسلي جو ايندڙ ڪتاب. هوچي منهه، مائوزي تونگ ۽ اسٽالن جهڙن نامارن انقلابي اڳواڻن جو عظيم استاد.

لينن

مظلوم ۽ غلام قومن جي آزادي جو علمبردار جنهن روسي شهنشاهن جا مظلوم قومن تي مڙهيل سڀ قاعدا، قانون ۽ عهدناما رد ڪري ڦٽا ڪيا ۽ ڪين گهر ويٺي قومي آزاديءَ جا پروانا ڏياري موڪليا.

لکندڙ: رسول بخش پليجو

پتو: سنڌي عوامي ڪتاب گهر بي-٨٠ لطيف آباد ٤ حيدرآباد.

ويٽنامي شاعر: ٽان هائي — سنڌيڪار: رسول بخش پليجو

رات آئون سرحد ٽپي آيس!

[ويٽنام جي دشمن ويٽنام کي وچان ڪاٽي ٻه اڌ ڪري ڇڏيو آهي. اتريون اڌ آزاد آهي. ڏکڻ واري اڌ ۾ جدوجهد جاري آهي. ڏکڻ جا مانجهي مرد لڪ ڇپ ۾ سرحد ٽپي وطن جي اترئين آزاد حصي ۾ وڃي فوجي تربيت وٺندا آهن. پويان سندن مائٽن ۽ ٻچن ٻارن کي دشمن عذاب ڏيندو آهي. سندن زالن کي مجبور ڪيو ويندو آهي ته هو ٻيا مڙس ڪن. اهي زالون پنهنجي ڏکڻ ۾ سالن جا سال دشمن جا ستم سهنديون آهن، گهر ۽ ٻچا سنڀالينديون آهن، جدوجهد ڪنديون آهن ۽ پنهنجي پرين جو اوسيئڙو ڪنديون آهن. هيءَ نظم اهڙي هڪ مجاهد ويٽناميائي جي آهي جنهن جو مڙس اتر ويل آهي.]

توسان اتر ۾ اچي ملڻ لاءِ،
رات آءٌ سرحد ٽپي آيس!
تولاءِ سڪندي سال ٽي ويا هئا،
ميهڻ واڃ ڪندي، آڏامندي آيس.
سارين جي سهڻين ساين پنين مان ڊوڙندي
آئون نيٺ تنهنجي شهر اچي پهتيس.
توکي شهر جي گهٽين ۾ ڳولهيم،
ته پري کان ڪو ماڻهو نظر چڙهيم،
ساڳيو جهڙو تون، جاني!

اڙي، سچي! تون ئي هئين، تون، تون،
ها جانب، تون ئي هئين!
مون وٺي ڊوڙ پاتي ۽

رڙ ڪري چيم، ”جاني ٻيهه!“
”آئون اچي وئي آهيان!“

تون بيهي رهين؛
منهنجي صورت پري کان سڃاڻي وئين.
مونکي خبر آهي ته سوَن هزارن زالن جي وچان به،
تون مونکي پريان ئي سڃاڻي وٺين ها.
۽ تنهنجي ٻانهن جي هنج ۾، مون دانهن ڪري چيو
”سڄا سارا پنج سال گذري ويا!“
تو مونکي ڀاڪر ۾ ڀڪوڙي ورتو:
ٻاڻ کي ڪيتريون نه ڳالهيون ڪرڻيون هيون!

تو مون کان پنهنجي جون خبرون پڇيون،

ڳوٺ راڄ جون ڳالهيون پڇيون،
الا! اهي سال ڪهڙا نه ڏکيا گذريا هئا،
۽ توکي پنهنجا ڪهڙا سور پڌائي ڪهڙا پڌايان ها!

ٽانجو تو منهنجي ڳول ڳول پانهن
جنهن تي تون مٿو رکي سمهندو هئين،
تنهنکي ڇُهيو ۽ دانهن ڪري پڇيو:
"تنهنجي گوشت ۾ هي زخم ڇا جو آهي؟"
"هي ڳهرو گهاءُ توکي ڪنهن ڏنو؟"
مون وراڻيو،
"هي سڀ سال مون تنهنجو اوسيئڙو ڪيو،
۽ دشمن سان ملي ڪانه ويٺي آهيان،
مون پيو مڙس ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو،
مون تو سان اينهن جو ناتو ٽوڙڻ کان انڪار ڪيو،
تنهنڪري دشمن منهنجي پٺيان پئجي ويا،
نيٺ مونکي جهلي قيد ڪري اهي گهاوَ ڏنائون...."

منهنجي نڙيءَ ۾ چڻ ڪجهه اٽڪي پيو،
منهنجي نيڻن مان نار وهي اٿي هليا،
مون پنهنجو منهن تنهنجي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڇڏيو.
تنهنجي ڇاتيءَ ۾ غصو ڏهڪڻ لڳو......

پوءِ الائي ڪهڙي پاسي کان ڪڪڙ بانگ ڏني،
۽ چرڪ ڀري جاڳي پيس،
جيڪي خواب ۾ ڏٺم سو وري ياد آيم،
۽ دل مان درد جي دانهن نڪري ويم!

منهنجا پرين! خبر اٿيئي،
وطن جي رت ڀڏل، شهيد ٽيل ڏکڻ کان،
هر رات، منهنجي دل،
سرحد ٽپي توسان ملڻ ايندي آهي!

فتاح ملڪ

پٿر چوندي ڪائي وينو

پاڻي نامي، پٽنَ سڙي ويا، هنَنَجُ ٽڏهن به ڳائي وينو
پنهنجي ڀريت، نباهڻ خاطر، پٿر چوندي ڪائي وينو
ماضي ايندو، مستقبل ٿي، پل پل پوُر پروڪا هن کي
پٿر آڏو، ڳهلن وانگي، پنهنجو منُ ڀرچائي وينو.
۽ جي رات رئڻ ۾ گذري، نيڻان ڍنيد وهائي اهڙي
هر هر چرڪَ ڀري پيو پاڻي، ٽپڪيون ٽپڪيون ڪائي وينو
ٽاڪَ منجهند جو پاڙُن آڏو، پرَ پکيڙي وينو آ
ڪو، جي اوري ايندو هن جي، پنهنجا پيرَ ڪُپائي وينو

ٻي ، جي ڀرِ تي ڪيٺن وڃي جو، جوءِ مٿاڻ ڏاڍي آهنجي
چاريون ڪان سُڄاتل هتڙي، جنِ سان نيهُن لڳائي ويٺو
آرا هتڙي، سارا هتڙي، ڏيهہ پرائي آڏرڻ اوڪو
هينَ جي ڀرِ ۾ ڪوبہ نہ چائي، ڪنهن پر ڏيهہ پرائي ويٺو
ڪنول قطارون، ٿمنديون هتڙي، پنهنجي ڀرِ تي جنت جڙندي
تَلَ تراڻيون نيٺ تہ ڀربيون، ٿيٺهرَ جو ڳائي ويٺو
عشق نباهيو آهي جيڪي، سونهَنُ نہ چاتو آهي اهڙو
هي تہ خوابن ۾ ڀي ويٺو، پَنَ ڇِمي ۽ ڇائي ويٺو
هي تہ اميدن تي آ رهٺو، پلِ پل تين تي رهٺو آ
لک ڪروڙين آسون اهڙيون، جن جا شهرَ ٻڌائي ويٺو
پٿر چوندي ڪائي ويٺو.......

رشيد ڀٽي

(افسانو)

واڏيا ڙي واڏيا....

ان ڀيري جڏهين وڪيشن تي مان ڪراچيءَ کان سکر آيس، تہ پاڙي ۾ بہ مُک ۽ ڏيان ڇڪڻ جوڳيون ڦيريون ڦاريون ڏٺم. هڪ تہ مسيت جي ڀر واري پلاٽ تي نئين پڪ سري جاءِ جي اڏاوت ٿي رهي هئي، ۽ ٻيو تہ ان پلاٽ جي مالڪڻ ماڻي ڀانا پنهنجي جانورن جي ڌڻ ۽ پکين جي ولر سوڌو ات اڻ لبي هئي. هن ترقي ۽ نئين اڏاوت جي دور ۾، ۽ خاص ڪري سکر جهڙي وڌندڙ شهر ۾، ڪا نئين اڏاوت ٿيڻ، هونءَ تہ عجيب ڳالهہ نہ آهي، پر ماڻي ڀانا جي پلاٽ تي اهو ڪجهہ ٿيڻ اوسهڻ جوڳو ۽ انوکو ضرور لڳو پيئي. ماڻي ڀانا هڪ رن زال هئي. آدي بنيادي

اسان جي پاڙي جي رهاڪو هئي. اسان ڪيس ڪراڙو ئي ڏٺو سنڀرون. اهوئي پنجاهہ سٺ جي پيٽي ڪان. سندس مڙس نيين اسان جي ڄمڻ کان بہ شايد اڳ راهہ رباني وٺي ويو هو. باقي سندس اڪيلي ۽ لاڏلي پٽ رين جي، هڪ حادثي ۾ مرڻ جي هلڪي هلڪي، اُنا ڇري ۽ دونهاڻيل ياد اسان جي ذهن ۾ ضرور آهي. نيين ڀاڳيو هيو. اڌ منو درجن مينهون ۽ ٽي چار ڳئون بہ تنهن زماني ۾ ڪنهن ڀاڳ واري ڪي ئي هونديون هيون. ان پلاٽ جي ئي هڪ پاسي ۾ هنن جو واڙو هوندو هيو، ۽ مسيت جي پڪ واري حصي ۾ رهڻ جي ڪچي، ڪچين جي ٽڙن واري ڇت جي جاءِ هوندي

هئي. منهنجي مرتبي ڪانپوءِ، ربن ئي اهو واڙي جو ڪاروبار هلائيندو هيو.

ربن جي رحلت ئي مائي ڀانا جي ڀاڳ ۽ حياتيءَ ۾ اٿل پٿل آڻي ڇڏي. ڪيس اڪيلو ۽ بي واهو ڏسي، منهنجي ڪنهن لالچي مائٽ اچي مطلب ڪاڻ منٿس هٿ رکيو. هوريان هوريان ويو ويچاري جا تختا ڪيندو. هن ڀاڻ تڏهين سنڀاليو جڏهين اڌ کان به وڌيڪ مال هو ٻهاني ڪمهاڻي نيڪال ڪري چڪو هو. ان هوندي به هن روايتي سنڌي حضور شرميءَ ۽ رک رکاءَ جو پاسو نه ڇڏيو ۽ ان مائٽ کي هڪ مهينو ڏئي، سندس خدمت جو ٿورو مڃي، ڪانئس جان ڇڏائي. پر هو پلو منش ويندي ويندي به منٿس مهرباني اها ڪندو ويو، جو سندس پلاٽ به رهين پنج سون ۾ گروي رکيون ويو.

ان کان پوءِ جي مائي ڀانا اسان کي چٽي طرح ياد آهي. صبح جو سوير ننڊ مان اٿڻ سان ئي ماءُ لوٽو هٿ ۾ ڏئي مون کي مائي ڀانا وٽان لسي مکڻ آڻڻ لاءِ موڪليندي هئي. اسان مائي ڀانا جي ڇپڙاري وچي ويهي رهندا هياسين. هن جو گهر ننڍو ۽ سوڙهو ٿي چڪو هيو. پلاٽ جو وڏو ڀاڱو هن هڪ حاجي کي ڪٽر مشين ۽ گاهه مڏي لاءِ مسواڙ تي ڏئي ڇڏيو هيو ۽ باقي حصي تي سندس قبضو هوندو هيو، جنهن ۾ هوءَ پنهنجي مينهن سميت رهندي هئي. اسان کي سندس لسي ولوڙڻ مان ڏاڍو مزو ايندو هيو. هوءَ لسي به ولوڙيندي هئي، ته گڏو گڏ، پڻ ۾ ويٺل ڪتن ۽ ٻلن سان مخاطب ٿي، ماڌاڻي جي جهڳ جهڳ جي آواز سان آواز ملائي ڳائيندي به هئي:

جُهو جُهو سٺي، لسي ٽيڏي ڪني،
سُونِي دا نيلا مڪڙ ٽيڏا پيلا.

ان ڪرت مان واندي ٿي، هوءَ پنهنجي نيرن سيرن ۾ لڳي ويندي هئي. ڏنار مينهيون ٽڙ تي ڪاهي ويندو هوس ته هوءَ پنهنجن ٻچن جي شيوا ۾ لڳندي هئي. پاليل جانورن ۽ پکين کي هوءَ پنهنجا ٻچا ڪوٺيندي ۽ سمجهندي هئي. ٻه ڪتا، چار ٻليون، ٻه ڪڪڙيون، هڪ طوطو ۽ ڇيهن جو درجن سوا، سندس گهر جا ڀاتي هيا. منجهند تائين انهن کي وهنجاريندي ۽ خوراڪ پهچائيندي رهندي هئي. ڏيهرو ڪري لڳندي هئي مال جي خدمت ۾ مينهن جي موتڻ کان اڳ ئي وٿاڻ ناهڻ، ڪونر صفا ڪري، گاهه ملڻ جو ڪم به ان عمر ۾ پاڻ ئي ڪندي هئي. شام جو ڪنڌي جي اندران در وٽ ننڍڙي صندل تي، سندس ويهڻ کان اڳ ۾ اسان لوٽن ۽ چونرين جي قطار ناهيندا هياسين. ماپ جو ڪير ڏئي پئسا وٺندي ته ’اَٿل ڀا رونگ‘ جي گهر ڪيس، ان ۾ به ڪڏهن بخيلي نه ڪيائين. هر ڇنڊ جي ڀارهينءَ تي ڪير وڪڻڻ سندس دين ڌرم ۾ ڏوه هيو. ڪير پير آهي! سو ان ڏينهن تي هوءَ سمورو ڪير ڀارهينءَ واري پيران پير جي نالي تي، پاڙي جي ننڍي وڏي ٻار کي پنهنجي گهر گهرائي پياريندي هئي. پاڙي جي ٻارن سان گهڻ دل ڪانئن هيس. عيد برات کان سواءِ به ننڍي وڏي خوشيءَ جي ڏڻ تي سيني کي پئسو پئسو يا ٽڪو ٽڪو خرچي ڏيڻ سندس عادت هئي. ڪڏهين ڪنهن ٻار کي نه دڙڪو ڏيندي نه منٿس هٿ کڻي آلر ئي ڪندي. باقي جي ڪنهن سندس ڪتي تي پٿر به سٽو ڪيو ته موهڻي تائين پئي منٿس تبرا هلندي، پوءِ ڇو نه کڻي سندس ڪتو، ڇوڪر جي ڪڙي سٿڻ جي پاڇي

سوڌي پٽي ويو هجي. ھر جي سندس ڪاوڙ ۽ ڪروڌ کان ٻچي پئي ڏينهن اهو ڇوڪرو لسي وٺڻ وڃس نہ ويو تہ ھر ھر پئي ياد ڪنديس ۽ آئي وڃي ڇوڪر هٿ نياپا ڪنديس. جي اچا بہ نہ آيس، تہ پاڻ لٺ تي رڙهندي وڃي لسي گهر ڏئي ايندس ۽ گهراٽڙيون پاڻي پرچائي بہ ايندس.

ڪير ڪپائي، ساڳي ئي صندل تي رلهي وچائي مٿن کان وهاڻا رکي، در وٽ ويهي سيٺ ٻڌنسي مل جو انتظار ڪندي هئي. سچ بہ لهڻ وارو هوندو هيو، جو سيٺ ٻڌنسي مل بہ پاڙي جي مُهڙ مان سنهن ڪيندو هيو. مٿي تي ڪاري ڪپڙي جي ٻگهي ٽوپي، هڪ پانهن سان ڪڇ ۾ وهي ڦاسايو ۽ ٻي سان لڪڻ لوڏيندو اچي ٺڪاءُ ڪندو هيو ۽ ”نماج ٽيٺي پائي. راجي پرشن شڪ آنند“ چئي، سليپر پيرن مان لاهي، ھو صندل تي پلٿ ماري ويهندو هيو. اونهاري ۾ ململ جو پهراڻ ۽ ڌوتي ۽ سياري ۾ ان مٿان ڪاري ٽنبي نهرو ڪٽ جئڪيٽ. اسان ڪيس ان لباس ۾ ئي ڏٺو. ”مائي پانا! اچا گهڻو پنڌ ڪرائيندين.“ هو ٿورو ساهي پٽڻ کان پوءِ چوندو هيو. ”تنهن جي گروي اسان ڪي هاڻي مهانگي ٿي پوندي وڃي.“

”پٽ چا ڪريان. گهر بہ تہ ڏس ڪيڏو وڏو آهي. ان آڪهہ جي بہ ڪريان ٿي تہ تنهن جي بہ.“

”ان آڪهہ جي نہ ڪرين ها تہ جيڪر هيل تائين وياج تہ چا مور بہ چڪتو ٿي وڃئي ها“ چئي ٻڌنسي وهي کوليندو هيو.

”ابا انهن لاءِ ئي تہ جاکوڙ ٿي ڪريان نہ تہ منهنجو هن جهان ۾ چا هي!“ چئي هوءَ وياج جا چار آنا ڪڍي ٻڌنسي کي ڏيندي هئي. هو روز جي حساب ۾ داخلا ڪري وهي ٻڌيندو هيو تہ ايتري ۾ بابو لال جي هوٽل مان ٽڪي وارو ملائيءَ سان چانهہ جو گلاس بہ اچي ويندو هيو جنهن لاءِ هو ايندي ايندي آرڊر ڏئي ايندو هيو. چانهہ پي، مڇن تان ملائي اگهي، هو اٿندو هيو. اسان سندس ان اٿڻ جي تاڙ ۾ بيٺا هوندا هئاسين. اڳيان هو ۽ پويان اسان جو ولر. پاڙي جي مُهڙ تائين سندس پويان پيا راڳڙا ڳائيندا ويندا هئاسين:

واڻيا ڙي واڻيا، تنهن جي ڌوتيءَ ۾ ٽي ڌاڳا،
تنهن جي گڏهہ ڏنو .... توں ڌوتي لاهي پٽ.

پوءِ، هندستان جي ورهاڱي ۽ پاڪستان ٺهڻ جا هُل ٿيا، ۽ آخر يقين ٿيا. اسان ڏاڍو خوش ٿياسين تہ پاڪستان ٺهي پيو. هندو هليا ويندا، بازارين ۽ ڪارخانن جا اسان مالڪ ٿينداسين. مائي پانا سڀني کان سرس سرهي ۽ چرهي هوندي هئي. الله سندس مهتي مان جان پئي ڇڏائي، ۽ پوءِ هوريان هوريان شهر مان هندو وڃڻ لڳا. پر ٻڌنسي مل ايندو رهيو ۽ مائي پانا کيس روز چار آنا وياج جا ڏيندي رهي. پر تن ڏينهن اسان ڇوڪرن هن کي چيڙائڻ ڇڏي ڏنو هيو. شايد سمجهيو سين پئي تہ وڃڻ واري سان ڪهڙا حساب ڪجن. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ، هڪ ڏينهن، اسان کي چُپ بيٺل ڏسي، هن لڪڻ زمين تي هڻي چيو:

”ڇورا! اڄ چپ ڇو آهيو ڙي؟“

”ڪاڪا! هاڻي لڏي ويندين، پڇاڙيءَ ۾ چا تنگ ڪيونئي.“ اسان مان هڪ جواب ڏنو هوس.

”مان نہ ويندس ڇورا، مان نہ ويندس.“ هن جُهڪي ڪائي چيو هو، ”توهان چيڙايو، منهنجو هانءُ ٺو ٺاڻي.“

”ڇونه ويندين؟“ مون پڇيو هوس.

”ڪاڏي وڃان! اتي ڇا هي مون لاءِ؟ بابو لال جي ڇانهه نه هوندي! سرو قاصائيءَ جو تيونڻ نه هوندو! مائي ڀانا جو صندل نه هوندو! سائين بيدل بيڪس نه هوندا، ۽ توهان به ته نه هوندؤ. پوءِ واٽيا ڙي واٽيا ڪير ڇوندو.“

پر آخر هو به هليو ويو. سياست کان سچ مات کائي ويو. پوئين ڏينهن تي مائي ڀانا وٽ آيو ته ڏاڍو اداس ۽ ملول هيو. ويهندي ئي ڦاٽ ڦاڙيائين تـه هو سڀائي وڃي رهيو هيو. اسان جي پڇڻ کان اڳ ئي وضاحت شروع ڪيائين: ”ڇا ڪيان، مائي ڀانا! اڪيلو ڪيئن رهان. ڪاڪو ويو، ڀاڻو ويو. ٺهڪڻ ويو ۽ هيرو ويو. وليچا ۽ بسنت رام به ته هليا ويا ني. هاڻي رهون ته ڪنهن جي آسري.“ هن آخر ۾ روايتي سنڌي ڪردار جو مظاهرو ڪيو. پوءِ هن صدريءَ جي کيسي مان مائي ڀانا وارو گرويءَ جو دستاويز ڪڍيو. هن ان تي گروي ڇڏائڻ جي پٺ پري ۽ ڀاڙي جي ٻن ماڻهن جي ان تي شاهدي وجهرائي مائيءَ ڀانا جي حوالي ڪيو. ان ڏينهن هن سڀني کي بابو لال جي ڇانهه پياري هئي، ۽ سڀني کان ڀاڪر پائي موڪلايو هيو.

ان ڏينهن ڪانپوءِ وري بڻسي مل نه ڏنو سين. مائي ڀانا به گروي نامو تن رومالن ۾ ويڙهي پنهنجي اڪيلي ٽين جي ٽرنڪ جي تري ۾ رکي ڇڏيو. هڪ ٻن سالن ڪانپوءِ مان ڪراچي پڙهائيءَ جي سلسلي ۾ هليو ويس، ته بڻسيءَ سان گڏ ڀانا جي ياد به ڇٻي ڇٻي ٿيندي وئي. ڇٽي ڇماهه جيءَ موڪل ٽوڪل تي مڪرايندو هوس تـه ڪيس ڪنڌيءَ وٽـان ئي ڪيڪاري خيرعافيت پڇندو هوس. سندس رنگ ڍنگ، چال چلت اهائي هوندي هئي جا منڍان ڏسندو پئي آيس.

سو هيل، هڪ سال جي وٿيءَ پڄاڻا، مڪر آيس ته اها تبديلي عجيب و غريب لڳم. شام جو پراڻن يارن سان ڪچهري ٿيم، تـه سڀ کان اول کانئن مائي ڀانا جي معاملي لاءِ پڇيم، جن حيرت ته هٿائي ڇڏي، باقي من ملول ۽ ذهن منجهائي ڇڏيو.

سال منو ٿيو جو ڪنهن ڪليمنٽ نواب مرزا عظمت الله بيگ جو مائي ڀانا کي نوٽيس مليو، ته ’جيئن تـه اهو پلاٽ هن کي ڪليم ۾ مليو آهي، ان ڪري ڀا ته هوءَ ڪيس مسواڙ (گذريل ٽن سالن جي ۽ اڳن جي) ڀري ڏي يا قبضو ڇڏي وڃي.‘ مائيءَ جي مٿان ڇڻ ڪا چپ ڪري پئي هئي. هوءَ هر ڪاموري ڪڙي ڏي پٺ پري ڏنل گروي نامو کڻي ڊڪي ڊوڙي پر ڪنهن سندس واهر نه ڪئي ۽ ڪو سندس وسيلو نه بڻيو. هـوءَ نواب صاحب ۾ سندس پچن ڏي به وئي ۽ ڪين منٿ ميڙهه ڪيائين. دستاويز ڏيکاري چيائين: ”ڪراڙ جان ڇڏي ويو. باقي تون مسلمين ڀـاءُ ٿي ڇو منهنجي جهڳي جهڻ ڪرڻ جي ڪڍ پيو آهين. ڪجهه ترس کاءُ، مور ۽ وياج جا پئسا وٺ هٿ ڪر.“

”مون جاءِ نيلام ۾ ٻين هزارين ڪنئين آهي.“ هن جواب ڏنو هوس.

”ٻه هزار وٺ، منهنجو اجهو نه کس.“ هن ليلڙايو هوس.

”نه، ڏهين هزارين جي جاءِ آهي.“ هـن ڪيس ڏڪا ڏيارائي ڪڍي ڇڏيو هو.

نواب نيٺ مٿس دخل ڀڃڻ جي دعوي وڌي. ڪورٽ ۾ ڏڪا ڏامـا کائيندي ڪنهن ڪيس ڪسٽوڊين ۾ گروي ڇڏائڻ يـا غير متروڪ

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٿُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻ، سمجهہ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽڙ گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)